قسم جي امتيازي يا اڻبرابري واري ورتاءُ جي ترديد ڪئي آهي رپورٽ موجب اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ عدالت کي ٻڌايو ته جيلن ۾ قيد تنهائي وارو نظام ختم ٿي چڪو آهي هن چيو ته عمران خان سميت ڪنهن به قيدي کي قيد تنهائي ۾ ناهي رکيو ويو هو سزا يافته قيدي طور قانون موجب پنهنجي سزا ڪاٽي رهيو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان سان ٻين قيدين وانگر قانوني اصولن موجب ورتاءُ ڪيو پيو وڃي ۽ ساڻس ڪو به امتيازي يا اڻبرابري وارو سلوڪ ناهي ڪيو ويو جيل اختيارين موجب بهتر ڪلاس قيدي هجڻ سبب عمران خان کي ڪجهه واڌو سهولتون ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته اڳوڻي وزيراعظم ۽ سياسي اڳواڻ هجڻ ڪري سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا ويا آهن.

بقايا 18 روزاني عبرت

ملڪ جي گهر واري مشعال ملڪ چيو آهي، ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي دهشتگرد فوج جو قبضو آهي ڀارت 15 لک ڀارتين کي والاريل ڪشمير ۾ شهريت ڏني. ڪشميري عوام اڄ به پنهنجي خودارادي واري حق جي جدوجهد جاري رکيو پيو اچي، ڀارت والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ڪيون آهن. يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي صورتحال تي عالمي ميڊيا به ڪيترين ئي رپورٽون پيش ڪيون.

بقايا 19 روزاني عبرت

تاريخ ۽ آزادي وارو حق دٻائي نٿو سگهجي. ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ ترقي جو رستو جمون ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي ۽ پائيدار حل ذريعي ئي گذري ٿو پاڪستان هر عالمي فورم تي ڪشميري عوام جو جائز آواز بڻجي سندن خودارادي واري حق جي حمايت جاري رکندو يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته 5 آگسٽ 2019 ع جي هڪ طرفي ڀارتي قدمن خطي ۾ اعتماد امن ۽ استحڪام کي شديد نقصان پهچايو آهي جمون ڪشمير جي تڪراري حيثيت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن سان طئي ٿيل آهي جنهن کي هڪ طرفه قدمن ذريعي تبديل نٿو ڪري سگهجي محمد حنيف عباسي چيو ته ڪشميري عوام گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پنهنجي بنيادي خودارادي وارو حق حاصل ڪرڻ لاءِ ثابت قدم آهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ مسلسل رابطن ۽ تعميري ڳالهين جي اهميت تي زور ڀريو آهي اربع ڏينهن دفاع واري وزارت مان جاري بيان مطابق پاڪستان ۾ مقرر آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر اسلام آباد ۾ دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران ٻنهي ڌرين گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون.

بقايا 21 روزاني عبرت

درآمد، گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 7.5 سيڪڙو واڌ، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP)يونٽ کي سرڪاري ملڪيت واري ڪمپني ۾ تبديل ڪرڻ سنڌ پيپلز هائوسنگ انيشيٽو جو گلگت بلتستان تائين توسيع، نوابشاهه-رانيپور (مهراڻ هاءِ وي) تي ٽول ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ گورننس ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ادارتي سڌارا شامل آهن وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن خصوصي معاونن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير جي پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف عباس ۽ صوبائي حڪومت جي اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي ڪابينا کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ اقتصادي استحڪام انفراسٽرڪچر جي ترقي سماجي تحفظ، ادارتي مضبوطي ۽ بهتر سروس ڊليوري تي ٻڌل سڌارن واري ايجنڊا تي عمل پيرا آهي وڏي وزير چيو ته اڄ جيڪي فيصلا ڪيا ويا آهن تن جو مقصد خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ مزدورن جو تحفظ ڪرڻ گورننس جي ادارن کي جديد بڻائڻ نجي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ پائيدار ترقي کي يقيني بڻائڻ آهي هن سمورن کاتن کي هدايت ڪئي ته ڪابينا جي فيصلن تي بروقت عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ۽ زور ڏنو ته سڌارن جا واضح فائدا شهرين تائين پهچڻ گهرجن سنڌ ڪابينا تجويز ڪيل سنڌ گورنمينٽ لينڊز مئنيجمينٽ بل 2026 تي غور ويچار ڪيو جنهن جو مقصد صديءَ کان پراڻي ڪولونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊز ايڪٽ 1912 کي سڄي صوبي ۾ سرڪاري زمين جي انتظام الاٽمينٽ ۽ استعمال لاءِ هڪ جديد ۽ شفاف قانوني فريم ورڪ سان تبديل ڪرڻ آهي. تجويز ڪيل قانون سازي مارڪيٽ تي ٻڌل ويلوئيشن، شفاف عوامي نيلامي جو طريقو الاٽمينٽ لاءِ واضح قابليت جا معيار سخت انتظامي شقون ۽ شڪايتن جي ازالي جو هڪ مؤثر نظام متعارف ڪرائي زمين جي گورننس ۾ وڏي عرصي کان هلندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ چاهي ٿي نئون فريم ورڪ نه صرف زرعي زمين پر صنعتي، رهائشي، تجارتي، عوامي مقصدن ۽ ايمينٽي منصوبن جي ضرورتن کي به پورو ڪندو بحث ڪانپوءِ وڏي وزير قانون واري وزير مڪاني لاڳاپن واري وزير ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ ٻين تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن تجويز ڪيل قانون سازي جو وڌيڪ جائزو ورتو وڃي ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ ۽ آخري منظوري کان اڳ پنهنجون سفارشون وڏي وزير کي پيش ڪري اميد آهي ته هي تجويز ڪيل قانون شفافيت کي هٿي ڏيندو سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ڪندو زمين جي گورننس کي مضبوط ڪندو ۽ عوامي ڀلائي ۽ اقتصادي ترقي لاءِ سرڪاري زمين جي ڪارائتي استعمال کي يقيني بڻائيندو ڪابينا منيمم ويجز بورڊ جي سفارشن جي به منظوري ڏني جنهن تحت پهرين جولاءِ 2026 کان سڄي صوبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 7.5 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. سڌاريل شرحن تحت، غير هنرمند مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 40,000 روپين مان وڌائي 43,000 رپيا في مهينو ڪئي وئي آهي جڏهن ته نيم هنرمند هنرمند ۽ اعليٰ هنرمند مزدورن جي اجرتن ۾ به ان حساب سان واڌ ڪئي وئي آهي اهو فيصلو سڄي سنڌ جي نوٽيفائيڊ صنعتي ۽ تجارتي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن تي لاڳو ٿيندو پيپلز ڪميونٽي هيلٿ سروسز ڪمپني جو بجيٽ ڪابينا مالي سال 2026-27 لاءِ پيپلز ڪميونٽي هيلٿ سروسز ڪمپني جي بجيٽ جي منظوري ڏني، جنهن ۾ 200 ملين رپيا سيڊ مني طور ۽ 2.723 بلين روپين جي گرانٽ شامل آهي ڪمپنيز ايڪٽ، 2017 جي سيڪشن 42 تحت قائم ڪيل هن ڪمپني جو مقصد ڪميونٽي سطح تي بنيادي صحت جي خدمتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ گهٽ سهولتن وارن علائقن تائين ان جو دائرو وڌائڻ آهي ڪابينا اڳوڻي نامزدگي جي جاءِ تي محترمه سحر افتخار خان بي اي ايس (BS-19)، کي ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO)طور مقرر ڪرڻ جي به منظوري ڏني ۽ وڏي وزير کي ڪمپني جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۾ مستقبل جي تبديلين جي منظوري ڏيڻ جو اختيار ڏنو 0.5 ايم ايم ٽي (MMT) ڪڻڪ جي درآمد ڪابينا مالي سال 2026-27 لاءِ صوبي جي خوراڪ جي تحفظ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان (TCP) ذريعي 0.5 ملين ميٽرڪ ٽن (MMT) ڪڻڪ درآمد ڪرڻ جي منظوري ڏني ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 1.69 ملين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي کوٽ جو امڪان آهي جنهن ۾ ڪڻڪ جي ڪل دستيابي جو ڪاٿو 4.84 ملين ميٽرڪ ٽن لڳايو ويو آهي جڏهن ته ساليانو واهپي جي گهرج 6.53 ملين ميٽرڪ ٽن آهي. تفصيلي غور ويچار ڪانپوءِ ڪابينا وفاقي حڪومت پاران ڪوآرڊينيٽ ڪيل فريم ورڪ تحت ٽي سي پي ذريعي 0.5 ايم ايم ٽي ڪڻڪ جي درآمد جي منظوري ڏني. لياري جي تعليم ۽ صحت کاتي جي ملازمن جي معاهدن ۾ واڌ ڪابينا ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن (TMC)لياري جي تعليم ۽ ميڊيڪل کاتن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي معاهدي واري خدمتن ۾ هڪ سال جي توسيع جي منظوري ڏني. جيڪا 11 مارچ 2026 کان 10 مارچ 2027 تائين لاڳو هوندي ان فيصلي ۾ 254 ڪانٽريڪٽ ملازم شامل آهن جن ۾ تعليم کاتي جا 176 ملازم ۽ ميڊيڪل کاتي جا 78 ملازم شامل آهن اهي ملازم شروع ۾ 2012-13 دوران ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC)۾ مقرر ڪيا ويا هئا ۽ بعد ۾ مقامي حڪومت جي سڌارن ڪانپوءِ ضلعن ۽ ٽائون ميونسپل انتظاميا ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته ٽي ايم سي لياري صوبائي حڪومت تي ڪو به اضافي مالي بوجهه وجهڻ ڪانسواءِ پنهنجي بجيٽ مان پگهارن جا خرچ پورا ڪرڻ جو ذميوار هوندو لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ لاءِ نيسپاڪ (NESPAK)جون خدمتون حاصل ڪيون ويون ڪابينا لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ (LTP)جي فيز- IIجي ڊيزائن، بڊنگ دستاويزن جي تياري ۽ تعميراتي نگراني لاءِ ڪنسلٽنٽ طور نيشنل انجنيئرنگ سروسز پاڪستان (NESPAK) جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي به منظوري ڏني. اهو فيصلو پروجيڪٽ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي سفارشن ڪانپوءِ ڪيو ويو جنهن ڪنسلٽنسي جي شرطن جو جائزو ورتو ۽ پروجيڪٽ جي پيماني ۽ پيچيدگي کي نظر ۾ رکندي انهن کي مناسب قرار ڏنو نيسپاڪ ان کان اڳ تفصيلي سروي ڪيو هو ۽ لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ لاءِ فيزيبلٽي اسٽڊي تيار ڪئي هئي جيڪا وسيع لياري ٽائون انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ پلان 2040 جو حصو آهي گاڏين جي رجسٽريشن ۽ انشورنس سڌارا ڪابينا آف روڊ گاڏين جي ڊي-رجسٽريشن، موٽر ڊيلر هولڊنگ پيريڊ رليف ۽ ملڪيت جي منتقلي تي موٽر ٿرڊ پارٽي انشورنس (MTPI)جي تسلسل بابت تجويزن جو جائزو ورتو بحث ڪانپوءِ وڏي وزير ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي کي هدايت ڪئي ته هو لاڳاپيل قانون ۾ ضروري ترميمون ڪري ۽ تجويزن آخري غور لاءِ ڪابينا کي ٻيهر پيش ڪري. پي پي پي (PPP) يونٽ کي سرڪاري ملڪيت واري ڪمپني ۾ تبديل ڪيو ويو ڪابينا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP)يونٽ کي مڪمل طور تي سرڪاري ملڪيت واري پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني ۾ تبديل ڪرڻ جي منظوري ڏني ته جيئن ادارتي صلاحيت کي مضبوط ڪيو وڃي، پروجيڪٽ جي فراهمي کي بهتر بڻايو وڃي ۽ مالي استحڪام کي وڌايو وڃي. تجويز ڪيل ادارو جيڪو ڪمپنيز ايڪٽ، 2017 تحت رجسٽرڊ ڪيو ويندو موجوده پي پي پي يونٽ جي جانشين اداري طور ڪم ڪندو ۽ پي پي پي پاليسي جي تياري، گورننس، پروجيڪٽ جي سهولت ۽ پورٽ فوليو مئنيجمينٽ جو ذميوار هوندو اهو قدم ڪمزور ڪاتي وارن پي پي پي نوڊس، منصوبن جي وڌندڙ پيچيدگي، انساني وسيلن جي برقرار رکڻ ۽ پورٽ فوليو جي نگراني سان لاڳاپيل چيلنجز کي حل ڪرڻ لاءِ کنيو ويو آهي ڪابينا ڪمپني جي قيام جي منظوري ڏني جنهن جو مجاز سرمايو 8 ارب رپيا ۽ پيڊ اپ سرمايو 2 ارب رپيا هوندو هن آپريشنل ۽ قيام جي خرچن لاءِ سيڊمني طور 500 ملين روپين جي آئوٽ آف بجيٽ جي منظوري پڻ ڏني. ماليات کاتي کي سمورين رجسٽريشن جي ڪاروائيون مڪمل ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو جڏهن ته پي پي پي يونٽ جو موجوده ڊائريڪٽر جنرل ڪمپني جو عبوري چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO)طور ڪم ڪندو ڪابينا سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ ۾ تجويز ڪيل ترميمن جي به منظوري ڏني ته جيئن ان نئين تبديلي کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي، پي پي پي گورننس کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ سڄي صوبي ۾ پي پي پي منصوبن جي نگراني کي بهتر بڻايو وڃي اميد آهي ته هيءَ نئين تبديلي سنڌ جي نجي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ جي صلاحيت کي وڌائيندي، انفراسٽرڪچر ۽ ترقياتي منصوبن کي تيز ڪندي ۽ هڪ وڌيڪ پائيدار ۽ ڪارائتو پي پي پي فريم ورڪ قائم ڪندي ڪابينا پاران پيپلز هائوسنگ انيشيٽو کي گلگت بلتستان تائين وڌائڻ جي منظوري ڪابينا 196 سيلاب متاثر گهرن جي ٻيهر اڏاوت لاءِ 376.3 ملين روپين جي اندازي سان سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (SPHF) پروگرام کي گلگت بلتستان تائين وڌائڻ جي منظوري ڏني ڪابينا ايس پي ايڇ ايف (SPHF)کي گلگت بلتستان حڪومت پاران فراهم ڪيل لسٽ جي بنياد تي تصديق، داخلا ۽ رقم جي ورڇ جي عمل کي شروع ڪرڻ جو اختيار ڏنو ۽ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام (NRSP)کي امپليمينٽنگ پارٽنر طور شامل ڪرڻ جي منظوري ڏني هي اقدام بلوچستان ۾ سيلاب جي بحالي لاءِ سنڌ جي جاري مدد کان پوءِ ڪيو ويو آهي جتي 4,500 گهرن جي ٻيهر تعمير اڳيئي هلي رهي آهي هيوي تجارتي ٽريفڪ لاءِ مهراڻ هاءِ وي تي ٽول ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ڪابينا 135 ڪلوميٽر ڊگهي نوابشاهه-رانيپور (مهراڻ هاءِ وي) تي ٽول ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني، جنهن ۾ بنيادي طور تي هيوي ۽ تجارتي گاڏين کي نشانو بڻايو ويو آهي، ته جيئن روڊ جي مرمت ۽ بحالي لاءِ مخصوص وسيلا پيدا ڪري سگهجن ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته هي هاءِ وي جيڪو شهيد بينظير آباد، نوشهرو فيروز ۽ خيرپور ضلعن کي پاڻ ۾ ملائي ٿي ان تان روزانو 22,000 کان وڌيڪ گاڏيون گذرن ٿيون ۽ 41 ارب روپين جي اندازي سان ان کي ڊبل ڪيو پيو وڃي تجويز ڪيل ٽولنگ سسٽم مان لڳ ڀڳ 2.14 بلين رپيا ساليانو مجموعي آمدني حاصل ٿيڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته آپريشنل خرچن ڪانپوءِ خالص ساليانو آمدني 148 ارب رپيا ٿيڻ جو اندازو آهي حاصل ڪيل فنڊ خاص طور تي هاءِ وي ۽ ان سان لاڳاپيل انفراسٽرڪچر جي هلائڻ مرمت، بحالي ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ استعمال ڪيا ويندا ڪابينا ڪلاس تي ٻڌل فڪسڊ ٽول ريٽ سسٽم کي اپنائڻ ۽ تجويز ڪيل ٽول ڪليڪشن ۽ روينيو مئنيجمينٽ جي طريقيڪار تي عملدرآمد جي منظوري ڏني. چار اسٽريٽجڪ ريفارم ٽاسڪ فورسز جي رڪنيت ڪابينا چار اعليٰ سطحي ٽاسڪ فورسز جي جوڙجڪ جي منظوري ڏني جيڪي اهم شعبن ۾ طويل المدت سڌارن تي اسٽريٽجڪ صلاحون ڏيڻ لاءِ قائم ڪيون ويون آهن جن ۾ اڪانومي، فنانس اينڊ انڊسٽري، واٽر، ڪلائميٽ چينج ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس، ڊجيٽل ٽرانسفارميشن اينڊ ورچوئل ايسٽس شامل آهن. ٽاسڪ فورسز پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪن جي نامور اقتصاديات جي ماهرن اڪيڊميشن صنعتي ماهرن ماحولياتي ماهرن ۽ ٽيڪنالاجي جي پيشيورن تي مشتمل آهن اهي پنهنجن لاڳاپيل شعبن ۾ پاليسي سڌارن، ادارتي مضبوطي، سيڙپڪاري جي فروغ، جدت، گورننس جي بهتري ۽ پائيدار ترقي جي حڪمت عملين تي حڪومت کي صلاح ڏيندا ڪابينا ٽاسڪ فورسز کي هدايت ڪئي ته هو اهي ثبوتن تي ٻڌل پاليسي سازي جي مدد ڪرڻ ۽ سنڌ جي طويل المدت ترقياتي ايجنڊا کي تيز ڪرڻ لاءِ سفارشون پيش ڪن ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو نالو تبديل ڪري ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس کاتو رکيو ويو ڪابينا سنڌ حڪومت جي رولز آف بزنس، 1986 جي لاڳاپيل شقن ۾ ترميم ڪندي ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو روايتي نالو تبديل ڪري ڪميونيڪيشن اينڊ ورڪس (C&W)کاتو بحال ڪرڻ جي تجويز جي به منظوري ڏني.

بقايا 22 روزاني عبرت

پرڏيهي ميڊيا مطابق شديد برسات، گجگوڙ ۽ وڄ ڪرڻ سبب رياست جي گيريڊيه، دمڪا ۽ لاتيهار علائقن کي متاثر ڪيو جتي مختلف هنڌن تي وڄ ڪرڻ سبب جاني نقصان ٿيو موسمياتي کاتي اربع کان ڇنڇر تائين رياست جي مختلف علائقن ۾ برسات جي اڳڪٽي ڪئي آهي.

بقايا 23 روزاني عبرت

آصف زرداري ۽ نواز شريف جي موجودگي ۾ نه معاملا اڳتي وڌي سگهن ٿا ۽ نه ئي انهن ٻنهي خاندانن جي هوندي ملڪ ۾ ترقي ٿي سگهي ٿي هن چيو ته جيستائين انهن ٻن سياسي جماعتن کان ڇوٽڪارو حاصل نه ڪيو ويندو ملڪ ترقي نه ڪندو فواد چوڌري چيو ته شهباز شريف هن وقت تائين 17 بجيٽون پيش ڪري چڪو آهي جن مان 12 صوبائي ۽ 5 وفاقي بجيٽون شامل آهن. هاڻي هو وڌيڪ ڇا ڪندو؟ سندس چوڻ هو ته هر پنجن سالن ڪانپوءِ سياسي جماعتون اسٽيبلشمينٽ کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته اختيارن جي مقامي سطح تي منتقلي واري معاملي جي هو مڪمل حمايت ڪري ٿو ۽ هن وقت وڏو سياسي اڳواڻ جيل ۾ آهي اتفاق راءِ پيدا ڪريو ڏنڊي جي زور تي صوبا سگهن هن دعوي ڪئي ته پاڪستان تحريڪ انصاف واحد وفاقي جماعت آهي جنهن کي سڄي ملڪ مان ووٽ ملن ٿا. فواد چوڌري چيو ته جيل قانون موجب، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي سان ملاقات ڪرڻ سندن حق آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ باني سان سندن ڊگهي سياسي وابستگي رهي آهي ۽ پاڪستان جي شهري طور هو عمران خان سان ڳالهائيندو هن وڌيڪ چيو ته مختلف جيلن ۾ قيد سمورن سياسي ڪارڪنن کي به فوري رليف ملڻ گهرجي.

بقايا 24 روزاني عبرت

اندر تڪميل کي يقيني بڻائڻ لاءِ سڀني يوٽيلٽي رڪاوٽن کي اڳواٽ ختم ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته منصوبي ۾ دير کان بچڻ لاءِ يوٽيلٽي شفٽنگ ۽ ري لوڪيشن سان لاڳاپيل سمورا قدم فوري طور مڪمل ڪيا وڃن اهي هدايتون سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ کاتي جي هڪ اهم اجلاس دوران جاري ڪيون ويون جنهن ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ييلو لائين بي آر ٽي جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪمال ڊاهو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي تعميراتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ منصوبي تي ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 25 روزاني عبرت

گردش ڪندڙ افواهه سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته هو پنهنجو عهدو نه ڇڏيندو پنهنجي صدارت جي ٻئي سالگرهه جي موقعي تي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ مسعود پزشڪيان چيو ته "جيڪڏهن مان استعيفيٰ ڏيڻ چاهيندس ته باضابطا اعلان ڪندس ۽ مان استعيفيٰ نه ڏيندس، مان ثابت قدم رهندس" هن پنهنجي وڊيو پيغام ۾ فوجي ڪمانڊرز سان اختلافن وارين خبرن کي به رد ڪندي چيو ته سندس حڪومت فوجي قيادت سان مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪري رهي آهي ايراني صدر پنهنجي ۽ سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي وچ ۾ اختلافن بابت هلندڙ افواهن کي به بي بنياد قرار ڏيندي چيو ته ڪجهه ڌريون اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن ته سپريم ليڊر هڪ ڳالهه ڪري ٿو ۽ هو ٻي، واضح رهي ته مسعود پزشڪيان جي استعيفيٰ بابت افواهه سندس صدارت دوران وقفي وقفي سان سامهون ايندا رهيا آهن خاص طور آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران تي گڏيل حملن ۽ 29 فيبروري تي اڳوڻي سپريم ليڊر علي خامنه اي جي شهادت ڪانپوءِ اهڙيون خبرون وڌيڪ زور پڪڙي ويون هيون صدر جي وڊيو بيان کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ ايراني صدر جي آفيس جي هڪ سينيئر عهديدار به انهن خبرن کي "ڪوڙ ۽ جعلي" قرار ڏنو هو ان کان اڳ سپريم ليڊر جي ڪئمپ جي ويجهو سمجهي ويندڙ عالم محمد باقر خرازي جي بيانن کي ايراني ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي وڏي پيماني تي نشر ڪيو ويو هو خرازي دعوي ڪئي هئي ته جيڪڏهن مسعود پزشڪيان ٻيهر استعيفيٰ ڏيندو ته اها قبول ڪئي ويندي ۽ مهينن اڳ به صدر ۽ پاسداران انقلاب جي ڪمانڊرز وچ ۾ اختلافن ۽ استعيفيٰ بابت خبرون سامهون آيون هيون.

بقايا 26 روزاني عبرت

ڪشمير ۾ ڊگهي مدي کان پنهنجي غيرقانوني قبضي ۽ سخت گير قانونن وسيلي آبادي جي شرح کي تبديل ڪرڻ جي پاليسي تي عمل پيرا آهي ڪشمير جي استحصال جي ڏهاڙي جي مناسبت سان ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي واري جمون ۽ ڪشمير ۾ 5 آگسٽ 2019 ع جي هڪ طرفي ۽ غير قانوني قدمن کي ستن سال مڪمل ٿيڻ تي اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي برقرار آهي ته ڪابه بيان بازي يا پروپيگنڊا جمون ۽ ڪشمير جي عالمي طور تي تسليم ٿيل تڪراري حيثيت کي تبديل نٿي ڪري سگهي ۽ نه ئي اتي جي عوام جي حقن کان انڪار ڪري سگهجي ٿو جيڪي عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۾ تسليم ٿيل آهن هن چيو ته ڀارت جي غير قانوني طور تي قبضو ڪيل جمون ۽ ڪشمير جي موجوده صورتحال اها آهي ته ڊگهي عرصي کان جاري وڏي فوجي موجودگي ۽ سخت قانون ذريعي ڀارت آبادي جي شرح تبديل ڪرڻ جي پاليسي تي عمل پيرا آهي جنهن جو مقصد ان خطي جي مسلم اڪثريتي سڃاڻپ کي تبديل ڪرڻ آهي ان سان گڏوگڏ، ڪشميري عوام جي آواز کي دٻائڻ ۽ انهن جي قومي ۽ ثقافتي سڃاڻپ کي ختم ڪرڻ لاءِ منظم ڪوششون پڻ جاري آهن هن چيو ته ترقي جون ڪوڪليون ۽ بي بنياد دعوائون جمون ڪشمير جي عوام جي ان هٿ نه ڪٽڻ جهڙي حق جو متبادل نٿيون ٿي سگهن آهي گڏيل قومن جي مينڊيٽ موجب آزادائي ۽ غير جانبدارائي راءِ شماري ذريعي پنهنجي مستقبل جو پاڻ فيصلو ڪندا. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي جائز جدوجهد لاءِ پنهنجي اٽل حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو ۽ ڀارت کان مطالبو ڪري ٿو ته هو پنهنجا غير قانوني قدم واپس وٺي، انساني حقن جون ڀڃڪڙيون بند ڪري ۽ گڏيل قومن جي منشور، لاڳاپيل سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار جي پرامن حل لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري.

بقايا 27 روزاني عبرت

خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته 5 آگسٽ اسان جي تاريخ جو اهو دردناڪ موڙ آهي جڏهن ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي عوام جي سڃاڻپ، آزادي ۽ بنيادي حقن تي بدترين حملو ڪيو ويو. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته اهو ڏينهن ڪشميري عوام جي خودارادي واري حق تي وار ۽ عالمي قانون جي کليل ڀڃڪڙي جي علامت آهي وفاقي وزير چيو ته هر هميشه ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي ڏک، قربانين ۽ استقامت کي انتهائي ويجهي کان محسوس ڪيو آهي هن جو چوڻ هو ته ڪشمير رڳو هڪ سياسي يا جاگرافيائي تڪرار ناهي پر پاڪستان جي روح، غيرت ۽ شهه رڳ آهي پروفيسر احسن اقبال چيو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير جي مائرن جو صبر نوجوانن جي بي مثال جدوجهد ۽ ٻارن جو عزم ان حقيقت جو ثبوت آهي ته ظلم ۽ ڏاڍ ڪنهن قوم جي آزادي واري جذبي کي شڪست نٿو ڏئي سگهي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان هر سفارتي سياسي ۽ عالمي فورم تي ڪشمير عوام جي بنيادي حقن انصاف ۽ خودارادي واري حق جي ڀرپور وڪالت جاري رکندو هن چيو ته اڄوڪي ڏينهن هو پنهنجي سمورن ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان اهو عهد ورجائي ٿو ته پاڪستان هر لمحي ساڻن گڏ آهي اسان جو آواز اسان جون سفارتي ڪوششون ۽ اسان جون دعائون ڪشميري عوام سان گڏ آهن ۽ انهن جي جائز جدوجهد جي حمايت هر سطح تي جاري رکندي هن عالمي برادري تي زور ڀريو ته هو ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس وٺي، گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن تي عمل درآمد يقيني بڻائڻ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري ۽ ڪشميري عوام کي سندن تسليم ٿيل خودارادي وارو حق ڏيارڻ ۾ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري.

بقايا 28 روزاني عبرت

وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته والاريل جمون ڪشمير ۾ بنيادي انساني حقن جون مسلسل ڀڃڪڙيون انتهائي ڳڻتي وارين آهن ۽ ڪشمير عوام ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ظلم ۽ ڏاڍ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪشمير جو هر ڏک پاڪستان جو ڏک آهي ۽ پوري قوم پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ آهي هن چيو ته 5 آگسٽ 2019 ع تي ڀارت هڪ طرفه قدمن ذريعي گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ عالمي قانون جي سنگين ڀڃڪڙي ڪئي جنهن سبب والاريل ڪشمير جي خصوصي آئيني حيثيت کي ختم ڪيو وفاقي وزير چيو ته 5 آگسٽ ڪشميري عوام تي ڪيل ظلمن ۽ انهن جي آزادي واري جدوجهد جي ياد ڏياري ٿو هن چيو ته ڪشميري عوام جون قربانيون رائيگان نه وينديون ۽ سندن خودارادي واري حق جي جدوجهد کي دٻائي نٿو سگهجي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪشمير جو هر ڏک پاڪستان جو ڏک آهي ۽ پوري قوم پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ آهي هن عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته هو والاريل ڪشمير جي صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺي ۽ ڀارت کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن تي عملدرآمد جو پابند بڻائڻ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري وفاقي وزير ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ڪشميري عوام جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکندو ۽ ڪشمير مسئلي جي گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب منصفاڻي حل تائين پنهنجي جدوجهد ۽ حمايت برقرار رکندو.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
نفرتن کي ڪوٽ ڏيڻ مناسب ناهي!
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد
صفحو 4
صوبا يا احتساب جي دروازي تي تاريخ جو اُهو ئي پراڻو تالو؟

گلوبل هندو ايوارڊ، ڌرتي ماتا پاڪستان جي نالي..!
ڊاڪٽر رميش ڪمار
صفحو 4

مختيار اُٺڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن — 06 آگسٽ

ايڇ اي سي اسلام آباد جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر عائشه اڪرام طرفان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو

وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري، رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏ اداري جا مختلف شعبا گهميا

گئلرين ۾ محفوظ تاريخي نوادرات، هٿ جي هنر ثقافتي شين، نامور شخصيتن جي ڪارڻن کي تمام گهڻي دلچسپي سان ڏٺو

سنڌالاجي هن يونيورسٽي جو اهم علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارو آهي جنهن کي ڏيهه پرڏيهه ۾ وڏي پذيرائي حاصل آهي: وائيس چانسلر

ڄامشورو ايڇ اي سي اسلام آباد جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر عائشه اڪرام جي سنڌالاجي جي دوري جي موقعي تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ ٻين جو گروپ فوٽو

ڄامشورو (پ ر) هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) اسلام آباد جي هيومن رسورس ڊپارٽمينٽ جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر عائشه اڪرام انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري، رجسٽرار ساجد قيوم ميمڻ ۽ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏ ميوزيم جا مختلف شعبا ۽ اتي مختلف گئلرين ۾ محفوظ تاريخي نوادرات، هٿ جي هنر ثقافتي شين نامور شخصيتن جي ڪارڻن کي تمام گهڻي دلچسپي سان ڏٺو ۽ ان جي بهترين ترتيب ۽ سنڀال جي واکاڻ ڪئي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر معزز مهمان کي سنڌالاجي اچڻ تي ڀليڪار چيو ميوزيم ۾ محفوظ تاريخي ثقافتي،علمي ۽ ادبي قيمتي خزاني بابت تفصيلي آگاهي ڏني. ان موقعي تي ايڇ اي سي اسلام آباد جي ڊي جي ڊاڪٽر عائشه اڪرام پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته سنڌالاجي جي ميوزيم ۾ اچي ۽ هتي محفوظ شاندار تاريخي ۽ ثقافتي شيون قديم نوادرات ۽ نامور شخصيتن جي ڪارڻن ۾ سندن ذاتي استعمال جو سامان ڏسي مان تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهي آهيان. هن چيو ته ميوزيم اندر جنهن سليقي ۽ ترتيب سان قديم تاريخي ورثي کي ڊسپلي ڪيو ويو آهي اهو زبردست آهي جنهن کي ڏسي سنڌ جو مڪمل تعارف آڏو اچي وڃي ٿو هن وڌيڪ چيو ته سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽيءَ جو انتهائي اهم علمي ادبي تاريخي،تحقيقي ۽ ثقافتي انسٽيٽيوٽ آهي جنهن کي پوري پاڪستان ۾ منفرد سڃاڻپ حاصل آهي هن وائيس چانسلر رجسٽرار ۽ ڊائريڪٽر طرفان ڏنل ڀرپور عزت ۽ مان جا ٿورا مڃيندي چيو ته سنڌالاجي جهڙا ادارا ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن جن جي ترقي ترويج ۽ ناماچاري لاءِ گڏيل ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي ان موقعي تي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڊاڪٽر عائشه اڪرام کي سنڌ يونيورسٽي اچڻ تي ڀليڪار ڪندي چيو ته سنڌ يونيورسٽي ملڪ جي قديم يونيورسٽي آهي جنهن ۾ نامور شخصيتن انتظامي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن هن يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جون ذميواريون ملڻ کي مان پنهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه سمجهان ٿو هن چيو سنڌالاجي هن يونيورسٽي جو اهم علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارو آهي جنهن کي ڏيهه پرڏيهه ۾ وڏي پذيرائي حاصل آهي، هن جي ميوزيم ۽ ريسرچ لائبريري ۾ ڪافي اهڃاڻ تاريخي نوادراتي ۽ علمي خزانو سنڀاليل آهي جيڪو ملڪ جي ٻئي ڪنهن به اداري ۾ ناهي هن چيو ته اسان هن اداري جي ترقي ۽ ترويج لاءِ گهڻ رخيون ڪوششون ڪري رهيا آهيون، جن ۾ ڪافي اڳڀرائي ٿي آهي وائيس چانسلر ان موقعي تي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جي محنت ۽ ڪمٽمينٽ جي پڻ واکاڻ ڪئي ان موقعي تي معزز مهمان کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙيون اجرڪ ۽ لنگي سان گڏ اداري پاران ڇپيل ڪتابن جو تحفو پڻ پيش ڪيو ويو ان موقعي تي ايڇ اي سي اسلام آباد جو عملدار دارا شڪوه صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو ناميارو ليکڪ ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جو استاد ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر سنڌالاجي جا آفيسر واحد پارس هيسباڻي سلمي، شيخ سلطان احمد چانڊيو عتيق الرحمان پناڻ زاهد ڪلهوڙو ۽ قمر الدين ٽانگراج پڻ موجود هئا.

عمرساند پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

ڪاري موري وٽ چيڪنگ دوران عمران آصف راجپوت گرفتار، مائو گٽڪو هٿ

شاهپور ويجهو ڪارروائي ۾ شراب هٿ، جوابدار سجاد چانڊيو کي گرفتار ڪيو ويو

عثمان شاهه هڙي (ٽ ر) عمرساند پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري عمرساند ٿاڻي جي ايس ايڇ او رياض سومرو پوليس جوانن جي ٽيم سان گڏ عثمان شاهه هڙي ويجهو ٻن مختلف هنڌن تان ڪارروائي ڪندي ٻن منشيات فروشن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪري ڪيس داخل پوليس هڪ ڪارروائي عثمان شاهه هڙي پرسان پوڙاڻ شاخ جي ڪاري موري وٽ چيڪنگ دوران ڪارروائي ڪندي ڳوٺ علي شير راجپوت واسي منشيات فروش عمران آصف راجپوت کي گرفتار سندس قبضي مان 60 پڙيون مائو گٽڪو هٿ ڪيون ٻئي ڪارروائي دوران عمرساند پوليس شاهپور ويجهو ڪارروائي ڪندي سجاد چانڊيو کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 25 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيو. منشيات ايڪٽ تحت ڪيس درج ڪري ڪيس ٻنهي جوابدارن کي جيل موڪلي ڇڏيو ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه پاران SHO عمرساند رياض سومرو کي منشيات خلاف ڪارروايون ڪرڻ تي شاباس ڏني آهي

عثمان شاهه هڙي پوليس ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ يوم استحصال ڪشمير جي حوالي سان تقريب

5 آگسٽ 2019ع تي ڀارتي حڪومت والاريل جمون ۽ ڪشمير جي خصوصي آئيني حيثيت ختم ڪئي: غلام مصطفيٰ ڏاهري

والاريل جمون ۽ ڪشمير جي خصوصي آئيني حيثيت ختم ڪري گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي

پاڪستاني قوم ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ سندن حق خودارادي جي حمايت جاري رکندي، جدوجهد هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ٿيندي

حيدرآباد مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ يوم استحصال ڪشمير جي تقريب کي پرنسپال خطاب ڪندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) گورنمينٽ مسلم سائنس ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۾ يوم استحصال ڪشمير جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ استادن شاگردن ۽ ڪاليج جي عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي پرنسپال پروفيسر غلام مصطفيٰ ڏاهري چيو ته 5 آگسٽ 2019ع تي ڀارتي حڪومت والاريل جمون ۽ ڪشمير جي خصوصي آئيني حيثيت ختم ڪري گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي هن چيو ته پاڪستاني قوم ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ سندن حق خودارادیت جي حمايت جاري رکندي. سندس چوڻ هو ته آزادي انسان جو بنيادي حق آهي ۽ ڪشميري عوام جي جدوجهد هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ٿيندي ان موقعي تي پروفيسر عنايت الله ٻبر چيو ته ڪشميري عوام آزاديءَ لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون آهن جيڪي ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن هن چيو ته ظلم ۽ جبر جو خاتمو ٿي رهندو ۽ ڪشميري عوام کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ملندو پروفيسر مزمل ڪلهوڙو پڻ خطاب ڪندي يوم استحصال ڪشمير جي پسمنظر تاريخي حقيقتن ۽ ان جي اهميت بابت شاگردن کي آگاهي ڏني تقريب جي پڄاڻي تي ڪاليج جي احاطي مان يوم استحصال ڪشمير جي حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن بينر ۽ پليڪارڊ کڻي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ريلي شهر جي مختلف رستن تان گذرڻ بعد ٻيهر ڪاليج پهتي

بدين ضلعي ۾ پاڻ، زرعي دوائن ۽ ٻج وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي، زرعي مرڪزن جي چڪاس

ضلعي ۾ پاڻ، زرعي دوائن ۽ ٻجن جي معيار جي جاچ لاءِ زراعت کاتي پاران مختلف تعلقن ۾ اوچتا ڇاپا

8 ڪان وڌيڪ ڊيلرن وٽان پاڻ ۽ زرعي دوائن جا نمونا حاصل ڪري معيار جي سائنسي جاچ لاءِ ليبارٽري اماڻيا ويا

ليبارٽري رپورٽون اچڻ کان پوءِ ئي لاڳاپيل پاڻ ۽ زرعي دوائن جي معيار بابت حتمي فيصلو ڪيو ويندو: ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت

پنگريو بدين ضلعي ۾ پاڻ زرعي دوائن ۽ ٻج وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي دوران زرعي مرڪزن جي چڪاس ڪئي پئي وڃي

پنگريو (ن ع) بدين ضلعي ۾ پاڻ، زرعي دوائن ۽ ٻج وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي 8 ڪان وڌيڪ ڊيلرن جا نمونا ليبارٽري اماڻيا ويا. بدين ضلعي ۾ پاڻ، زرعي دوائن ۽ ٻجن جي معيار جي جاچ لاءِ زراعت کاتي پاران مختلف تعلقن ۾ اوچتا ڇاپا هڻي ڪيترن ئي ڊيلرن جي دڪانن ۽ زرعي مرڪزن جي چڪاس ڪئي وئي، جڏهن ته 8 ڪان وڌيڪ ڊيلرن وٽان پاڻ ۽ زرعي دوائن جا نمونا حاصل ڪري معيار جي سائنسي جاچ لاءِ ليبارٽري اماڻيا ويا. ان دوران ڊيلرن جا لائسنس ۽ لاڳاپيل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيا ويا. ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت هيڊڪوارٽرز سيد گل نواز شاهه موجب اهي ڪارروايون صوبائي وزير زراعت سنڌ سردار محمد بخش خان مهر سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو ۽ ڊائريڪٽر جنرل زراعت سنڌ الله ورايو رند جي هدايتن تي بدين ضلعي جي تعلقن بدين، ٽنڊو باگو تلهار ۽ گولاڙچي ۾ ڪيون ويون هن ٻڌايو ته مختلف ڊيلرن جي مرڪزن جي اوچتي چڪاس دوران لائسنس ۽ ٻين لاڳاپيل دستاويزن جو جائزو ورتو ويو سان گڏ پاڻ ۽ زرعي دوائن جا نمونا پڻ حاصل ڪيا ويا، جيڪي معيار جي سائنسي جاچ لاءِ ليبارٽري اماڻيا ويا آهن ڪارروائي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت تعلقو بدين وحيد علي خاصخيلي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت تعلقو تلهار مسرور حسن سولنگي سميت زراعت کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي حصو ورتو زراعت کاتي جي اختيارين موجب ليبارٽري رپورٽون اچڻ کان پوءِ ئي لاڳاپيل پاڻ ۽ زرعي دوائن جي معيار بابت حتمي فيصلو ڪيو ويندو ۽ اختيارين جو چوڻ آهي ته رڳو نمونا حاصل ٿيڻ جي بنياد تي ڪنهن ڊيلر يا ڪمپني جي شين کي غير معياري قرار نه ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ليبارٽري رپورٽن ۾ مقرر معيار کان گهٽتائي، ملاوٽ يا ٻي ڪا به بي ضابطگي ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوار ڌرين خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي زرعي اختيارين موجب آبادگارن کي معياري پاڻ، زرعي دوائون ۽ تصديق ٿيل ٻج فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ زراعت کاتي جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي غير معياري يا جعلي زرعي شين جي وڪري سان آبادگارن کي مالي نقصان پهچڻ سان گڏ فصلن جي پيداوار ۽ زرعي معيشت پڻ متاثر ٿي سگهي ٿي. ان ڪري زرعي مارڪيٽن جي نگراني ۽ اوچتي چڪاس جو سلسلو جاري رکيو ويندو اختيارين موجب بدين ضلعي جي مختلف زرعي مرڪزن ۾ ٿيل تازي ڪارروائي جو اهم پاسو اهو آهي ته رڳو دڪانن ۽ لائسنسن جي چڪاس تائين ڪارروائي محدود نه رکي وئي، پر پاڻ ۽ زرعي دوائن جا عملي نمونا حاصل ڪري انهن کي ليبارٽري جاچ لاءِ اماڻيو ويو آهي ليبارٽري رپورٽن جي روشني ۾ جيڪڏهن ڪنهن زرعي شيءِ ۾ مقرر معيار کان گهٽتائي ملاوٽ يا ٻي ڪا به بي ضابطگي سامهون اچي ٿي ته لاڳاپيل ڊيلرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي زراعت کاتي جي آفيسرن واضح ڪيو ته آبادگارن جي مفادن جي تحفظ لاءِ ضلعي جي زرعي مارڪيٽن ۾ نگراني وڌيڪ اثرائتي بڻائي ويندي ۽ غير معياري پاڻ، زرعي دوائن يا غير تصديق ٿيل ٻج جي وڪري کي روڪڻ لاءِ اوچتيون چڪاسون جاري رهنديون

نصيرآباد ۾ يوم استحصال ڪشمير جي ڏهاڙي جي مناسبت سان احتجاج

مختيار ڪار نصيرآباد امجد ڪمالاڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

مقبوضہ ڪشمير جي مظلوم عوام سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيون ٿا: امجد ڪمالاڻي

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد جي روينيو آفيس ۾ يوم استحصال ڪشمير جي ڏهاڙي جي مناسبت سان احتجاج ڪيو ويو جنهن جي ميزباني مختيار ڪار نصيرآباد امجد ڪمالاڻي پاران ڪئي وئي تقريب ۾ تعلقي پريس ڪلب نصيرآباد جي صدر حسين بخش جت سميت ٻين سياسي سماجي ۽ شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي مختيار ڪار امجد ڪمالاڻي، پريس ڪلب صدر حسين بخش جت ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي ڪشميري ڀائرن جي جاري بي باڪ جدوجهد کي سلام پيش ڪيو هنن چيو ته اسان مقبوضہ ڪشمير جي مظلوم عوام سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيون ٿا، جيڪي هندستاني باطل قوتن اڳيان پنهنجي بنيادي حقن ۽ آزاديءَ لاءِ بي مثال قربانيون ڏئي رهيا آهن اڳواڻن عالمي برادريءَ کان گهر ڪئي ته مقبوضہ ڪشمير ۾ ٿيندڙ ناانصافين ۽ انساني حقن جي لتاڙ جو ترت نوٽيس وٺندي ڪشميرين کي سندن جائز حق خودارادیت ڏياريو وڃي

نصيرآباد اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار جي هدايت تي ڪشمير ريلي ڪڍي پئي وڃي

هنگورجا ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي

5 آگسٽ والاريل ڪشمير جي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن آهي: استاد

ڀارت ڪشمير جي خاص آئيني حيثيت ختم ڪري عوام تي سخت پابنديون لاڳو ڪيون

هنگورجا (ن ع) يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج هنگورجا ۽ ايليمينٽري اسڪول ڳوٺ بنگل خان چانگ جي شاگردن ۽ استادن پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ الڳ الڳ ريليون ڪڍيون ويون. ڊگري ڪاليج جي ريلي جي اڳواڻي پرنسپال پروفيسر نثار احمد جامڙو ۽ پروفيسر اشفاق احمد ميمڻ ڪئي، جڏهن ته ايليمينٽري اسڪول جي ريلي جي اڳواڻي استاد غلام رسول چانگ، استاد شفيع محمد، عبدالغفار سولنگي ۽ تنزيل حسن ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته 5 آگسٽ والاريل ڪشمير جي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن آهي، جڏهن ڀارت ڪشمير جي خاص آئيني حيثيت ختم ڪري ڪشميري عوام تي سخت پابنديون لاڳو ڪيون هنن چيو ته يوم استحصال ڪشمير ملهائڻ جو مقصد ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ ۽ عالمي برادري کي سندن حق خودارادیت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو پيغام ڏيڻ آهي

هنگورجا يوم استحصال ڪشمير جي حوالي سان ڊگري ڪاليج ۽ ايليمينٽري اسڪول بنگل چانگ جا استاد ريليون ڪڍي رهيا آهن

شهيد بينظيرآباد ۾ به يوم استحصالِ ڪشمير ملهايو ويو

ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي قومي جهنڊو ڦڙڪايو، سلامي پيش

والاريل جمون ۽ ڪشمير جي خصوصي آئيني حيثيت ختم ڪرڻ واري قدم جي مذمت

نوابشاهه (س ر) ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ به يوم استحصال ڪشمير ملهايو ويو ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي قومي جهنڊو ڦڙڪايو ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان نواب شاهه پريس ڪلب تائين ريلي پڻ ڪڍي وئي پوري ملڪ وانگر ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ به يوم استحصال ڪشمير قومي جذبي ۽ ڪشميري عوام سان ڀرپور يڪجهتي جي اظهار طور ملهايو ويو ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه شهيد بينظيرآباد جي اهتمام هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي لان ۾ جهنڊو ڦڙڪائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب دوران ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي قومي جهنڊو ڦڙڪايو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن صبح 9 وڳي والاريل ڪشمير جي شهيدن ۽ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان نواب شاهه پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ميئر قاضي محمد رشيد ڀٽي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر صدام حسين ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر نواب شاهه اقبال احمد ٽيني ميونسپل ڪمشنر عبدالرزاق شيخ انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪاليجز قمرالدين ڪيريو مختيارڪار اڪرم علي سميت تعليم صحت، لوڪل گورنمينٽ، پاپوليشن، سوشل ويلفيئر ٽريزري، زڪوات ۽ ٻين سرڪاري کاتن جي آفيسرن ملازمن ۽ اسڪولن جي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي والاريل جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي ڀارت پاران 5 آگسٽ 2019ع تي والاريل جمون ۽ ڪشمير جي خصوصي آئيني حيثيت ختم ڪرڻ واري هڪ طرفي قدم جي سخت مذمت ڪئي وئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ۽ ميئر قاضي محمد رشيد ڀٽي چيو ته اسان ڪشميري عوام جي حق خودارادیت لاءِ جاري جدوجهد کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ پاڪستان هر سطح تي سندن سياسي سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو هنن چيو ته يوم استحصال ڪشمير اسان کي اهو عزم ورجائڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته پاڪستان پنهنجي ڪشميري ڀائرن جي جائز جدوجهد ۾ هميشه سندن ساٿ ڏيندو هنن عالمي برادري تي زور ڀريو ته والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو نوٽيس وٺي ۽ گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشميري عوام کي حق خودارادیت ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ٻئي طرف ضلعي جي سمورن تعلقن ۾ پڻ اسسٽنٽ ڪمشنرن جي اڳواڻي ۾ يوم استحصال ڪشمير جي حوالي سان تقريبون منعقد ڪيون ويون جتي ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ سندن آزادي ۽ خودمختياري لاءِ دعائون گهريون ويون

نوابشاهه ڊي سي عبدالصمد نظاماڻي جي اڳواڻي ۾ يوم استحصال ڪشمير ريلي ڪڍي پئي وڃي

سڪرنڊ ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سڏ تي مظاهرو

سياسي قيدين جي آزادي ۽ جلال پور ڪينال منصوبي جي خاتمي لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني کي بحال ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سڏ تي سياسي قيدين جي آزادي، جلال پور ڪينال منصوبي جي خاتمي، آئين ۽ جمهوريت جي بحالي ۽ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن جي خلاف تعلقي سڪرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي گڏيل سهڪار سان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ضلعي سينيئر نائب صدر گل حسن رند، تعلقي سڪرنڊ جي صدر ڪامريڊ ايوب ڪوسو تعلقي نائب صدر ياسين ملاح، تعلقي انفارميشن سيڪريٽري باڊشاهه اٺ ٽائون صدر پرويز احمد سومرو، ٽائون انفارميشن سيڪريٽري محمد خان گداري ڪيلا رام اوڊ سرور لغاري ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ضلعي صدر مجيب لاکو ۽ الياس جوکيو ڪئي مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي جن سياسي قيدين جي آزادي، جلال پور ڪينال منصوبي جي خاتمي، سنڌ جي آئيني حقن جي تحفظ ۽ سنڌ کي ورهائڻ وارين سمورين سازشن خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني کي بحال ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هنن مطالبو ڪيو ته سياسي اختلاف رکندڙ سمورن سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي بنا دير آزاد ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته سياسي انتقام جمهوريت لاءِ نقصانڪار آهي اڳواڻن چيو ته جلال پور ڪينال جهڙا منصوبا سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو ۽ سنڌ جي وجود تي سڌو حملو آهن جن کي سنڌ جو باشعور عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو سنڌ جي دريائي پاڻي وسيلن ۽ آئيني حقن تي ڌاڙو هڻندڙ هر منصوبي خلاف پرامن، آئيني ۽ جمهوري جدوجهد جاري رهندي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سالميت خلاف ٿيندڙ هر سازش کي سنڌ جا وطن دوست ماڻهو ناڪام بڻائيندا ۽ سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ هر جمهوري فورم تي آواز بلند ڪندا احتجاج جي پڄاڻي تي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مطالبن جي مڪمل حمايت ڪندي سياسي قيدين جي فوري آزادي، جلال پور ڪينال منصوبي جي خاتمي ۽ سنڌ جي آئيني حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

انفارميشن آفيسر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ سان ملاقات

وشال امير انتهائي پيارو سماجهي طبيعت رکندڙ انسان دوست آهي: امام بخش راجا

پي آئي ڊي ۽ عوام دوست پاليسين کي وڌيڪ بهتر ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ هٿي وٺرائيندو

حيدرآباد (پ ر) امام بخش راجا انفارميشن آفيسر سنڌ انفارميشن ڊپارٽمينٽ حيدرآباد جي محبتي دوست سينئر صحافي ڪيترن ئي ڪتابن جي ليکڪ نجم جوٺيجي سان گڏ وشال امير ڊپٽي ڊائريڪٽر پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ PID حيدرآباد سان سندن آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻنهي ادارن جي ڪارڪردگي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي امام بخش راجا چيو ته وشال امير انتهائي پيارو سماجهي طبيعت رکندڙ انسان دوست آهي وشال امير کي ڊپٽي ڊائريڪٽر پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ PID حيدرآباد جي عهدي جي چارج سنڀالڻ تي ڪيس بيحد دل ڀريون مبارڪون ۽ نيڪ تمنائون سرڪاري ذميوارين جي قيادت رڳو هڪ عهدو نه پر اعتماد فرض شناسي ۽ عوامي خدمت جي جذبي جو نالو آهي وشال امير کي هن اهم ذميواري ملڻ ان ڳالهه جو پڪو ثبوت آهي ته هو پنهنجي پيشيوراڻي صلاحيتن انتظامي بصيرت ايمانداري ۽ محنت وسيلي اعلي اختيارين جو اعتماد حاصل ڪيو آهي اسان اميد ٿا ڪريون ته اوهان جي قيادت هيٺ ادارو شفافيت ميرٽ احتساب عوام دوست پاليسين کي وڌيڪ بهتر ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ هٿي وٺرائيندو ۽ اداري جي ڪارڪردگي ۾ نئون روح ڦوڪيندا رب پاڪ کان دعا آهي ته هو توهان کي ان ذميواري ۾ وڌيڪ ڪاميابيون عزتون ترقيون ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي

حيدرآباد ڊپٽي ڊائريڪٽر پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ وشال امير سان امام بخش راجا ملاقات ڪندي

ڪڏهر موريءَ وٽ مسجد "فيضان قرآن" جي تعمير ٿيڻ بعد افتتاح

سڪرنڊ (ن ع) دعوت اسلامي پاران سڪرنڊ لڳ ڳوٺ ڪڏهر موريءَ وٽ مسجد "فيضان قرآن" جي تعمير ٿيڻ بعد افتتاح ڪيو ويو جنهن جو افتتاح دعوت اسلامي UK جي نگران سيد فضيل رضا عطاري جن ڪيو ساڻس گڏ رڪن شوريٰ برڪت علي عطاري، ڊويزنل نگران دانش باڊو، ضلع نگران ڪامران عطاري، تعلقه نگران حافظ مختيار علي ڪرمي، ٽائون نگران عمران ايوب قادري ۽ سينيئر اڳواڻ حاجي شڪيل عطاري پڻ هئا افتتاحي تقريب دوران مسجد فيضان قرآن ۾ سيد فضيل رضا عطاري ۽ برڪت علي عطاري الڳ الڳ بيان ڪندي چيو ته ڪجھ وقت کان شر پسندن مختلف جڳهين تي قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪري شهيد ڪيو هو ان ڏينهن امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس قادري اعلان ڪيو ته اسين قرآن پاڪ جي عظمت کي قائم رکڻ ۽ سماج کي ان جي اهميت ٻڌائڻ لاءِ قرآن پاڪ جي نالي سان مسجدون تعمير ڪنداسين جنهن جو نالو "فيضان قرآن" رکنداسين هنن چيو ته امير اهلسنت جي ان نيت تي عمل شروع ٿيو ۽ اڄ ڪيترين ئي مسجدن تعمير ٿي چڪيون آهن هيءَ مسجد به ان سلسلي جي ڪڙي آهي مسجد جي افتتاح ڪانپوءِ وڻڪار مهم دوران ٻوٽا پڻ لڳايا ويا ان موقعي تي ڳوٺ جي ميزبان گل بيگ جمالي پاران مهمانن کي سنڌ جي ثقافت طور ڪين اجرڪون ۽ لنگيون پارايون ويون جنهن بعد سندن شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي ان موقعي تي مولانا نظير احمد جمالي ۽ مسجد جي پيش امام ولي داد جمالي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

بلڙي ۾ قتل ٿيل نوجوان مهربان رند جي وارثن جو حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ پلاٽ جي تڪرار تان مبينا قتل ٿيل نوجوان مهربان رند جي وارثن قتل ڪيس ۾ انصاف نه ملڻ خلاف ڪالهه 3 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون خميسو رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته 2 مهينا اڳ پلاٽ جي تڪرار تان جوابدارن منهنجي پورهيت سوٽ مهربان رند کي زهر ڏئي قتل ڪيو مهربان جي قتل ۾ برادري ۽ ڳوٺ جا بااثر ماڻهو الهورايو الهبچايو ۽ هڪ عورت ملوث آهن هنن چيو واقعي جي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڪئي پر پوليس جوابدارن جي ونگار رهندي ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي ويتر اسان خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هنن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بلڙي ۾ قتل ٿيل نوجوان مهربان رند جي وارثن جو حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ پلاٽ جي تڪرار تان مبينا قتل ٿيل نوجوان مهربان رند جي وارثن قتل ڪيس ۾ انصاف نه ملڻ خلاف ڪالهه 3 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون خميسو رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته 2 مهينا اڳ پلاٽ جي تڪرار تان جوابدارن منهنجي پورهيت سوٽ مهربان رند کي زهر ڏئي قتل ڪيو مهربان جي قتل ۾ برادري ۽ ڳوٺ جا بااثر ماڻهو الهورايو الهبچايو ۽ هڪ عورت ملوث آهن هنن چيو واقعي جي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڪئي پر پوليس جوابدارن جي ونگار رهندي ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي ويتر اسان خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هنن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سنڌ پوليس جي شهيدن جي ڏينهن جي موقعي تي ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد پاران خراج تحسين پيش

ايس ايس پي آفيس نوابشاهه ۾ شهيدن جي يادگار تي حاضري، گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه پڙهي، خاندانن سان ملاقات

سنڌ پوليس جا شهيد سڄي قوم جو فخر آهن، انهن جي لازوال قربانين جي ڪري سماج ۾ امن ۽ امان برقرار آهي: فيصل بشير ميمڻ

شهيدن پنهنجي رت سان امن جي شمع روشن ڪئي، جنهن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي، اسان ڪين نه وساريندا سين

نوابشاهه (س ر) سنڌ پوليس جي شهيدن جي ڏينهن جي موقعي تي ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد رينج فيصل بشير ميمڻ شهيدن کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ايس ايس پي آفيس نوابشاهه ۾ شهيدن جي يادگار تي حاضري، گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه پڙهي تاج محل هال نوابشاهه ۾ خاندانن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن جي اعزاز ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي سياسي ۽ سماجي شخصيتن رينج جي ايس ايس پيز سپاهين ۽ فوجي آفيسرن شرڪت ڪئي سنڌ پوليس جي شهيدن جي ڏينهن جي موقعي تي اڄ 5 آگسٽ تي ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد رينج فيصل بشير ميمڻ ايس ايس پي آفيس نوابشاهه ۾ شهيدن جي يادگار تي حاضري ڏني گلن جي چادر چاڙهي، فاتحه پڙهي ۽ هڪ سٺي لباس ۾ ملبوس پوليس جي دستي شهيدن کي سلامي پيش ڪئي بعد ۾ تاج محل هوٽل ريسٽورنٽ ۾ شهيدن جي خاندانن جي اعزاز ۾ هڪ شاندار تقريب ۽ لنچ جو انتظام ڪيو ويو جنهن ۾ شهيدن کي مڪمل خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي جڏهن ته شهيدن جي قربانين تي ٻڌل دستاويزي فلمون قومي گيت ۽ خاص ترانا پڻ پيش ڪيا ويا، جنهن شرڪت ڪندڙن کي جذباتي ڪري ڇڏيو ان موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ ڊي آءِ جي ايس بي اي رينج فيصل بشير ميمڻ چيو ته سنڌ پوليس جا شهيد سڄي قوم جو فخر آهن انهن جي لازوال قربانين جي ڪري سماج ۾ امن ۽ امان برقرار آهي هن چيو ته شهيدن پنهنجي رت سان امن جي شمع روشن ڪئي جنهن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي سنڌ پوليس هميشه پنهنجي شهيدن ۽ انهن جي خاندانن جي قربانين جي قدر ڪري ٿي ۽ انهن جي هر ممڪن پالنا ۽ ڀلائي لاءِ ڪوشش ڪندي تقريب جي آخر ۾ شهيدن جي بلند درجن پيارين وطن جي سلامتي ۽ سنڌ ۾ دائمي امن لاءِ خاص دعا گهري وئي بعد ۾، ڊي آءِ جي فيصل بشير ميمڻ شهيدن جي خاندانن جي هر ٽيبل تي ويو ۽ انهن سان هڪ هڪ ڪري ملاقاتون ڪيون انهن جي خيريت پڇي انهن جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو ۽ ڪجهه تي فوري حڪم جاري ڪيا. شهيدن جي خاندانن سنڌ پوليس خاص طور تي ڊي آءِ جي فيصل بشير ميمڻ جو هن بيان احترام ۽ مڪمل تعاون لاءِ شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته پوليس ڪانو ڪڏهن به پنهنجي شهيدن جي خاندانن کي اڪيلو نه ڇڏيندو آهي جيڪو انهن لاءِ اطمينان ۽ حوصلا افزائي جو ذريعو آهي

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 33 ڏينهن به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم شاهد خان، جاويد ڀٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 19 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ڪري ٿيون ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن پر ٻين ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين روپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد ۾ ڳوٺ ميان بخش ڪوسو جي رهواسين جو مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڄامشورو ضلعي جي تعلقي مانجهند جي شهر سن پرسان ڳوٺ ميان بخش ڪوسو جي رهواسي مرد ۽ عورتن 14 ورهين جي نينگري جي بازيابي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي محمد يعقوب ڪوسو دانهيندي چيو ته جوابدار راول پٽ الهڏنو ڪوسو 5 مهينا اڳ منهنجي 14 ورهين جي ڌي روبينا کي اغوا ڪري ويو آهي جڏهن ته ڌي جي بازيابي لاءِ ڏانهن تي راول ڪوسو ۽ سندس مائٽ موتمار ڌمڪين تي لهي آيا آهن هن چيو ته ڌي جي اغوا جو سن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ ويس پر پوليس ڪيس داخل نه ڪيو جنهن تان ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ عدالت جو در کڙڪايو آهي هن چيو ته جوابدار ڌر مون کان ڌي روبينا جو سڱ گهريو هو پر اسان انڪار ڪيو جنهن تان منهنجي ڌي کي اغوا ڪيو ويو آهي هن چيو ته منهنجي ڌي جي عمر 18 سال نه آهي جنهن ڪري ان جي شادي به غيرقانوني آهي هن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کي اپيل ڪئي ڌي بازياب ڪرائي جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي

پوليس جي شهيدن جو ڏهاڙو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

اسلام آباد (پي پي) سڄي ملڪ ۾ پوليس جي شهيدن جو ڏهاڙو اڄ ڏينهن 4 آگسٽ تي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد ملڪ لاءِ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ عظيم سپوتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آهي تفصيل مطابق دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوليس هميشه ڀرپور نموني پنهنجون ذميواريون ادا ڪيون آهن پوليس اهلڪارن هميشه پنهنجون جانيون قربان ڪري قوم جو مستقبل محفوظ ۽ روشن ڪيو آهي فرض جي راهه ۾ جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ پوليس جي شهيدن جي ياد ۾ سڄي ملڪ ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون پوليس جي شهيدن جي قربانين جي اعتراف ۾ صدر مملڪت، وفاقي وزيرن، فوجي آفيسرن ۽ صوبائي پوليس جي سربراهن پاران ڪين خراج عقيدت پيش ڪيو ويو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پوليس جي جسٽ جتن پوليس جي شهيدن جي مزارن تي سلامي پيش ڪئي ۽ قبرن تي گل رکيا، چئني صوبن ۾ پوليس جي اعلي آفيسرن شهيدن جي وارثن سان ملاقاتون ڪري انهن ۾ تحفا ورهايا. پوليس جي شهيدن جون اهي قربانيون اسان جي ايندڙ نسل لاءِ مشعل راهه آهن

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران ٽورنامينٽ

ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ٻن ڏينهن جو بيڊمنٽن ٽورنامينٽ ۾ منعقد ڪيو ويو

مهراڻ يونيورسٽي جي جمنازيم ۾ بيڊمنٽن جا مقابلا جاري رهندا

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران جشن آزادي جي مناسبت سان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ٻن ڏينهن جو بيڊمنٽن ٽورنامينٽ ۾ منعقد ڪيو ويو ٽورنامينٽ جو افتتاح مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه علي ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته مهراڻ يونيورسٽي پاڪستان جي آزادي واري هن مهيني دوران شاگردن ۾ تقريري مقابلا راندين ۽ گڏيل نصابي سرگرميون ڪرائي رهي آهي هي ٽورنامينٽ ڏهن ڏينهن تائين جاري رهندڙ سرگرمين جو حصو آهي ٽورنامينٽ ۾ 8 ڇوڪرين ۽ 6 ڇوڪرن جي ٽيمن ۾ حصو ورتو ٻن ڏينهن تائين 5 آگسٽ کان 6 آگسٽ تائين مهراڻ يونيورسٽي جي جمنازيم ۾ بيڊمنٽن جا مقابلا جاري رهندا افتتاحي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو پروفيسر ڊاڪٽر خديجه قريشي ڊائريڪٽر اسپورٽس عبدالفتاح ڪنڌر ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي ۾ جشن آزادي جي مناسبت سان ڪرايل بيڊمنٽن ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب جو ورتل فوٽو

ميرپورخاص مان مبينا طور اغوا ٿيل شخص ٻانڊي مان بازياب

اغوا ڪندڙ هڪ ڪمند جي فصل ۾ هٿ، اکيون ۽ وات ٻڌي ڇڏي ويا

واقعي بابت وڌيڪ جاچ لاءِ معاملو ميرپورخاص پوليس حوالي ڪيو ويو آهي: ٻانڊي پوليس

ٻانڊي (ن ع) ٻانڊي پوليس لاشاري اسٽاپ پرسان مبينا اغوا ٿيل شخص نعيم اڪبر آرائين کي هٿ ڪري ورتو جنهن بعد قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي پوليس موجب هٿ آيل شخص ٻڌايو ته ڪيس ٻه ڏينهن اڳ ميرپورخاص مان مبينا طور اغوا ڪيو ويو هو سندس چوڻ موجب اغوا ڪندڙ ڪيس مختلف هنڌن تي رکندا رهيا، جنهن بعد گذريل رات لاشاري اسٽاپ پرسان هڪ ڪمند جي فصل ۾ سندس هٿ، اکيون ۽ وات ٻڌي ڇڏي ويا، جتان ٻانڊي پوليس ڪيس باحفاظت هٿ ڪري ورتو هٿ آيل شخص وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته سندس زاهد پنهور سان پراڻي دشمني هلندڙ آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس پڻ داخل ٿيل آهن تنهن ڪري ڪيس شڪ آهي ته اغوا ۾ اهي ماڻهو ملوث ٿي سگهن ٿا ٻئي طرف ايس ايڇ او ٻانڊي نادر ينگر ٻڌايو ته هٿ آيل شخص بابت قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد ڪيس وارثن حوالي ڪيو ويندو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ لاءِ معاملو ميرپورخاص پوليس حوالي ڪيو ويو آهي

ٻانڊي ميرپورخاص مان مبينا طور اغوا بعد ٻانڊي مان بازياب ڪرايل شخص

گڏاپ ۾ يوم استحصالِ ڪشمير جي موقعي تي ريلي

ڪشمير جي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

ڀارت 5 آگسٽ تي ڪشمير جي خاص آئيني حيثيت ختم ڪئي: طارق عزيز بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جي اڳواڻي ۾ يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي گڏاپ ٽائون ۾ هڪ باوقار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڪائونسل جي ميمبرن، مختلف کاتن جي آفيسرن، ملازمن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي ڪشمير جي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ ڀارتي ظلمن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته 5 آگسٽ يوم استحصال ڪشمير ڪشميري عوام تي ڀارتي ظلم، جبر ۽ ناانصافين جي ياد تازي ڪري ٿو هن چيو ته ڀارت 5 آگسٽ تي ڪشمير جي خاص آئيني حيثيت ختم ڪري بين الاقوامي قانونن، گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي سنگين ڀڃڪڙي ڪئي پاڪستاني قوم پنهنجي ڪشميري ڀائرن جي حق خودارادیت واري جائز جدوجهد ۾ هميشه سندن شانه بشانه بيٺي رهندي عالمي برادري جي ذميواري آهي ته ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو فوري نوٽيس وٺي ۽ ڪشمير جي مسئلي جو حل گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪري ان شاءُ الله ڪشميري عوام جون قربانيون هرگز ضايع نه وينديون ۽ آزادي جي منزل ضرور حاصل ٿيندي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو ته يوم استحصال ڪشمير جي موقعي تي پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريليون، سيمينار ۽ ٻيون تقريبون منعقد ڪيون پيون وڃن گڏاپ ٽائون به هن قومي مقصد ۾ ڀرپور نموني سان شريڪ آهي هن چيو ته ڪشميري عوام جون قربانيون تاريخ جو روشن باب آهن ۽ عالمي ضمير کي جاڳائڻ لاءِ هر فورم تي سندن آواز بلند ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ريلي ۾ پارلياماني ليڊر ڪائونسل ميمبر مير عباس ٽالپر ڪائونسل ميمبر داد ڪريم بلوچ، ڪائونسل ميمبر امن ڏيڏ جوکيو ڪائونسل ميمبر دانش برفت، ليڊي ڪائونسل ميمبر ثمينه زرداري سميت مختلف کاتن جا آفيسر ۽ ٻيا ملازم پڻ موجود هئا ريلي دوران شرڪت ڪندڙن "ڪشمير بڻجندو پاڪستان" ۽ "ڪشميري عوام سان يڪجهتي زنده باد" جا فلڪ شگاف نعرا هڻي ڪشميري عوام سان پنهنجي مڪمل حمايت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

مهراڻ يونيورسٽي ۾ بهترين محقق ۽ ماهر موجود آهن: وي سي

صنعتي ادارن ۽ ڪمپنين کي تدريسي ادارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

ملازمن، معاهدي ۾ آيل فريق ۽ ماحول ۽ معاشري جو تحفظ اسان جي بهترين ترجيح آهن

ڄامشورو (پ ر) سوسائٽي آف پيٽروليم انجنيئرس مهراڻ يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل ٽيڪنيڪل سمپوزيم ۽ انرجي سمٽ 2026 کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته صنعتي ادارن ۽ ڪمپنين کي تدريسي ادارن سان گڏجي تحقيق ۽ ايجادن جو گڏيل ڪم ڪرڻ گهرجي هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جو پيٽروليم اينڊ نيچرل گئس شعبو ان حوالي سان پي پي ايل سان گڏجي ڪم ڪري سگهي ٿو پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته مهراڻ يونيورسٽي ۾ بهترين محقق ۽ ماهر موجود آهن جيڪي نئين تحقيق ۽ ايجادن جي حوالي سان صنعتي ادارن ۽ ڪمپنين لاءِ مددگار ثابت ٿيندا مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ جي نمائندي مسعود سرور چيو ته ملازمن، معاهدي ۾ آيل فريق ۽ ماحول ۽ معاشري جو تحفظ اسان جي بهترين ترجيح آهن اسان شاهه بندر ۾ ويجهڙ ۾ ڪافي نيون جايون دريافت ڪيون آهن اسان جي ڪوشش آهي ته جديد طريقن سان توانائي جا ذريعا تلاش ۽ استعمال ڪريون اسان جي ترجيح آهي ته مقامي ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪريون سمپوزيم ۽ انرجي سمٽ ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر خانجي هريجن پيٽروليم ۽ نيچرل گئس شعبي جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر آفتاب مهيسر سميت سوئي سدرن گئس ڪمپني ماڙي گئس ڪمپني ۽ ٻين ادارن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي

ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل ٽيڪنيڪل سمپوزيم ۾ وي سي ڊاڪٽر طحه حسين خطاب ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد پاران ريسڪيو 1122 جو دورو

ريسڪيو 1122 جي مجموعي خدمتن، آپريشنل صلاحيت بابت بريفنگ

سمورا ريسڪيو اهلڪار سامان ۽ ايمرجنسي وسيلا هر وقت الرٽ آهن: ذيشان مهدي

نوابشاهه (س ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) ضلعي شهيد بينظيرآباد جي ضلعي آفيس جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ انچارج ريسڪيو 1122 ذيشان مهدي ڊپٽي ڪمشنر جو استقبال ڪيو ۽ ريسڪيو 1122 جي مجموعي خدمتن آپريشنل صلاحيت، ايمرجنسي رسپانس سسٽم ۽ عوامي خدمت جي مختلف پهلوئن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني خاص طور تي ايندڙ متوقع برساتي موسم (مون سون) ۽ امڪاني ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ريسڪيو 1122 جي تيارين بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو ويو ته سمورا ريسڪيو اهلڪار سامان ۽ ايمرجنسي وسيلا هر وقت الرٽ آهن جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري ۽ اثرائتي امدادي ڪارروايون يقيني بڻائي سگهجن ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ريسڪيو 1122 جي پيشيوراڻين خدمتن تيارين ۽ عوامي خدمت جي جذبي کي ساراهيندي ٽيم جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي ۽ هدايت ڪئي ته مستقبل ۾ به ساڳئي جذبي سان عوام جي خدمت جاري رکي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
خميس 06 آگسٽ 2026ع

نفرتن کي ڪوٺ ڏيڻ مناسب ناهي!

پاڪستان هن وقت سياسي، معاشي ۽ امن امان جي حوالي سان انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ جي انتظامي ڍانچي، صوبن جي حيثيت، قومي سڃاڻپ ۽ وفاق جي مضبوطيءَ بابت بحث يقيناً اهم آهي، پر اهڙن حساس معاملن تي فيصلا جذبات، سياسي مفادن يا طاقت جي زور تي نه پر وسيع قومي صلاح مشوري، آئيني گهرجن ۽ عوام جي راءِ جي بنياد تي ٿيڻ گهرجن. جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جو اهو چوڻ ته نوان صوبا ٺاهڻ انتظامي معاملو ضرور آهي پر قومن جي سڃاڻپ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، جڏهن ته حرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳاري پاران نون انتظامي يونٽن بابت وسيع قومي اتفاق راءِ جي ضرورت تي زور ڏيڻ، موجوده صورتحال ۾ غور طلب نقطا آهن. مولانا فضل الرحمان ملڪ، خاص طور بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته حڪومتي رٽ موجود ناهي ۽ ماڻهو پنهنجن ئي علائقن ۾ محفوظ ناهن. جيڪڏهن ملڪ جي اهم حصن ۾ عام ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيو هجي ته اهو رڳو امن امان جو مسئلو نه، پر حڪمراني، انتظامي صلاحيت ۽ سياسي اعتماد جو به سوال بڻجي وڃي ٿو. طاقت جي زور تي مسئلا حل نه ٿيڻ بابت مولانا جو موقف پڻ اهم آهي، ڇو ته تاريخ ٻڌائي ٿي ته سياسي، قومي ۽ علائقائي مسئلن جو مستقل حل طاقت بدران ڳالهين، انصاف ۽ سياسي عمل ذريعي ئي ممڪن ٿيندو آهي. بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جا مسئلا هڪجهڙا نه آهن، پر ٻنهي صوبن ۾ محرومي، بدامني، سياسي بيچيني ۽ وفاق سان اعتماد جي کوٽ جهڙا سوال ضرور موجود آهن. انهن مسئلن کي رڳو امن امان جي عينڪ سان ڏسڻ بدران سياسي، معاشي ۽ انتظامي رخن کان به سمجهڻ جي ضرورت آهي. عوام کي پنهنجو آواز اٿارڻ، پنهنجي نمائندن ذريعي مطالبا پيش ڪرڻ ۽ آئيني طريقي سان مسئلن جي حل ۾ حصو وٺڻ جو حق حاصل آهي. جيڪڏهن ماڻهن جي جائز شڪايتن جو ازالو نه ٿيندو ته بيچيني وڌڻ جا امڪان موجود رهندا. ٻئي طرف ملڪ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن ٺاهڻ جو بحث به وقت بوقت زور وٺندو رهيو آهي. آبادي ۾ واڌ، انتظامي ضرورتن، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ حڪمراني کي عوام جي ويجهو آڻڻ لاءِ انتظامي تبديليون ڪڏهن ڪڏهن ضروري به ٿي سگهن ٿيون. پر صوبن جي قيام کي رڳو نقشي تي لڪيرون ڪڍڻ جو معاملو سمجهڻ وڏي غلطي هوندي. پاڪستان جا صوبا رڳو انتظامي يونٽ نه آهن پر انهن سان تاريخ، ٻولي، ثقافت، قومي سڃاڻپ ۽ عوامي جذبات به جڙيل آهن. انهيءَ ڪري مولانا فضل الرحمان جو اهو سوال ته ڇا پاڪستان رڳو نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ آهي، غور طلب آهي. نوان صوبا ٺاهڻ کي ملڪ جي سمورن مسئلن جو علاج سمجهڻ مناسب نه ٿيندو. جيڪڏهن موجوده صوبن اندر مقامي حڪومتن کي مضبوط ڪيو وڃي، اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪيا وڃن، ادارن کي بااختيار ۽ جوابده بڻايو وڃي ۽ وسيلن جي ورڇ منصفاڻي طريقي سان ڪئي وڃي ته ڪيترائي انتظامي مسئلا موجوده ڍانچي اندر به حل ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان جي تاريخ ۾ آئين کي بار بار معطل يا ڪمزور ڪرڻ، غير جمهوري دورن ۽ سياسي ادارن کي محدود ڪرڻ جا نتيجا سامهون اچي چڪا آهن. تنهن ڪري ملڪ کي هلائڻ لاءِ آئين ئي بنيادي رستو هجڻ گهرجي. پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ، سياسي پارٽين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ ۽ اختلافن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ ئي جمهوريت جو روح آهي. جيڪڏهن پارليامينٽ جي اهميت گهٽبي ۽ فيصلا عوامي نمائندن کان ٻاهر ٿيندا ته عوام جو سياسي نظام تي اعتماد وڌيڪ ڪمزور ٿيندو. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملڪ ۾ طاقت جي مقابلي بدران آئيني بالادستي، سياسي ڳالهين ۽ قومي اتفاق راءِ جي روايت مضبوط ڪئي وڃي. عوام جي راءِ کان سواءِ ڪيل ڪو به وڏو انتظامي فيصلو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ بدران نوان اختلاف پيدا ڪري سگهي ٿو. پاڪستان کي اڄ وڌيڪ ورهاڱي واري سياست نه پر عوام کي ويجهو آڻيندڙ حڪمراني، مضبوط ادارن، بااختيار مقامي حڪومتن، انصاف، امن ۽ معاشي موقعن جي ضرورت آهي. اسين سمجهون ٿا نون صوبن جو شوشو هن نظام کي وڌيڪ ڪمزور ڪندو، ڇو ته سنڌ جو عوام ڪڏهن به اِهو نه چاهيندو ته جيڪا ڌرتي صدين کان سندن سڃاڻ رهي آهي، سا اُنهن کان ڦُري ڪنهن ٻي حوالي ڪئي وڃي. پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ ۾ هُو ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو.

زراعت جي ريڙهه تي مهانگي ڊيزل جو بار!

نور سنڌي

"ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن تندو الهيار" اهو پراڻو سنڌي پهاڪو اڄ پاڪستان جي معاشي پاليسين تي به ٺهڪي اچي ٿو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڊيزل کي زراعت، صنعت ۽ مال برداريءَ لاءِ بنيادي فيول (ٻارڻ) سمجهي ان تي ٽيڪسن جو بار گهٽ رکيو وڃي ٿو. جيئن هاري، صنعتڪار ۽ ٽرانسپورٽ جو شعبو سستي لاڳت سان هلي سگهي. پر اسانجي ملڪ ۾ صورتحال ان جي ابتڙ نظر اچي ٿي. جتي ڪيترن ئي موقعن تي ڊيزل جي قيمت پيٽرول کان به وڌيڪ رهي آهي. اهو فرق رڳو انگن اکرن تائين محدود ناهي پر ان جا اثر هارين، صارف ۽ دسترخوان تائين پهچن ٿا. پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي. اقتصادي سروي پاڪستان موجب قومي معيشت (GDP) ۾ زراعت جو حصو لڳ ڀڳ 24 سيڪڙو آهي. جڏهن ته ملڪ جي 37 سيڪڙو کان وڌيڪ پورهيت آباديءَ جو روزگار سڌو سنئون زراعت سان وابسته آهي. ڪپهه، چانور، ڪڻڪ، ڪمند، مڪئي، ميوا ۽ ڀاڄيون رڳو هارين جي روزگار جو ذريعو نه پر ملڪ جي خوراڪي سلامتي ۽ برآمدات جو به اهم حصو آهن. اڄ به پاڪستان جي لکين ايڪڙ زمين تي ٽريڪٽر، ٽيوب ويل، ٿريشر، هار ويسٽر ۽ ٻيون زرعي مشينون ڊيزل تي هلن ٿيون. فصل پوکڻ کان وٺي لاباري تائين ۽ اتان منڊيءَ تائين سامان پهچائڻ تائين هر مرحلي ۾ ڊيزل بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. جڏهن ڊيزل مهانگو هوندو ته پوک جي تياري، آبپاشي، لابارو ۽ ٽرانسپورٽ جا خرچ به وڌندا. جنهن جو نتيجو خوراڪ جي شين جي اگهن ۾ واڌ جي صورت ۾ نڪرندو. زراعت اڳ ئي ڪيترن ئي بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي. هاري مهانگي ٻج، جعلي زرعي دوائن، مهانگي ڀاڻ، پاڻيءَ جي کوٽ، موسمياتي تبديلي ۽ بجليءَ جي وڌندڙ خرچن سبب پريشان آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڊيزل جي وڌيڪ قيمت هاريءَ جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي. ڪيترائي ننڍا آبادگار اهڙا آهن، جيڪي اڳ ئي قرض هيٺ آهن. انهن لاءِ هر نئون خرچ زراعت کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ٿو. ڊيزل صرف هاريءَ جو مسئلو ناهي. پاڪستان ۾ سامان جي وڏي اڪثريت روڊن وسيلي منتقل ڪئي وڃي ٿي ۽ مال بردار ٽرڪون، بسون ۽ ٻيون وڏيون گاڏيون گهڻو ڪري ڊيزل تي هلن ٿيون. جڏهن ٽرانسپورٽ جو خرچ وڌندو ته ڀاڄين، ميون، اٽي، چانورن، ڪڻڪ، کير، گوشت ۽ ٻين ضرورت جي شين جون قيمتون به وڌنديون. آخرڪار اهو بار عام صارف تي اچي پوندو.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ حڪومتون زراعت کي قومي ترجيح سمجهن ٿيون. اتي هارين کي جديد مشينري، سستي توانائي، آسان قرض ۽ ٻيون سهولتون ڏيڻ جون پاليسيون اختيار ڪيون وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ ته خوراڪ جي سلامتي ڪنهن به ملڪ جي بنيادي ضرورت آهي. جڏهن ته پاڪستان جهڙي زرعي ملڪ ۾ هر اهڙو فيصلو، جيڪو زراعت جي لاڳت وڌائي، ان جا اثر معيشت جي ڪيترن ئي شعبن تائين پهچي سگهن ٿا.

هاري صرف پنهنجي گهر لاءِ فصل نٿو پوکي پر سڄي ملڪ جي ماڻهن لاءِ اناج، ڀاڄيون، ميوا ۽ ٻين خوراڪ جي شين جي پيداوار ڪري ٿو. جيڪڏهن هاريءَ جي پيداوار جي لاڳت وڌندي ته مارڪيٽ ۾ سستي خوراڪ جي اميد رکڻ مشڪل ٿي ويندي. اڄ جيڪڏهن هڪ ٽريڪٽر جي هڪ ڏينهن جي ڪم جو خرچ صرف ڊيزل جي قيمت وڌڻ سبب وڌي وڃي ٿو ته اهو اضافي خرچ آخرڪار فصل جي قيمت ۾ شامل ٿيندو. ساڳئي ريت ٽيوب ويل هلائڻ، ڪمبائين هار ويسٽر ذريعي فصل لُٽائڻ ۽ منڊيءَ تائين مال پهچائڻ جا خرچ به وڌندا. اهي سڀ خرچ گڏجي مهانگائيءَ کي وڌيڪ تيز ڪن ٿا. ماهرن جو خيال آهي ته جڏهن پيداوار جي لاڳت وڌي ٿي ته مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي پوي ٿو. ان ڪري زراعت سان لاڳاپيل پاليسين جو جائزو وٺندي اهو ڏسڻ ضروري هوندو آهي ته انهن جو اثر صرف هاري تي نه پر سڄي معيشت تي پوي ٿو. اڄ سنڌ جو هاري هجي يا پنجاب جو، بلوچستان جو آبادگار هجي يا خيبرپختونخوا جو زميندار سڀني جون ڳڻتيون هڪجهڙيون آهن. هو وڌيڪ منافعو نه پر اهڙيون حالتون چاهين ٿا، جنهن ۾ هو پنهنجي زمين آباد رکي سگهي ۽ ملڪ جي خوراڪ جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي. جيڪڏهن زراعت ڪمزور ٿيندي ته ان جو اثر صرف فصلن تائين محدود نه رهندو پر خوراڪ جي سلامتي، روزگار، برآمدات ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي به پوندو. ان ڪري زراعت سان لاڳاپيل هر معاشي پاليسين جو اثر وسيع تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. جڏهن دنيا جا ڪيترائي ملڪ زراعت کي سهارو ڏيڻ لاءِ ڊيزل کي نسبتاً سستو رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ پاڪستان جو هاري وڌندڙ لاڳتن سان منهن ڏئي رهيو آهي. تڏهن سوال اٿڻ فطري آهي ته زراعت، جيڪا ملڪ جي معيشت جي ريڙهه جي هڏي آهي، انهيءَ تي واڌو بار جا ڊگهي مدي وارا اثر ڪهڙا هوندا؟ هاري خوشحال هوندو ته مارڪيٽون آباد هونديون، خوراڪ سستي هوندي ۽ معيشت جو ڦيٿو به بهتر نموني هلندو. پر جيڪڏهن زراعت تي خرچ مسلسل وڌندا رهندا ته انهيءَ جا اثر هر گهر جي دسترخوان تي محسوس ٿيندا، ڇاڪاڻ ته زراعت صرف هڪ شعبو نه پر ملڪي بقا، خوراڪي سلامتي ۽ اقتصادي استحڪام جو بنياد آهي.

امريڪا جي فضائن مان

صوبا يا احتساب جي دروازي تي تاريخ جو اُهوئي پراڻو تالو؟

راجا زاهد اختر خانزاده

هر قوم جي تاريخ ۾ ڪجهه اهڙيون گهڙيون ايندڙيون آهن جڏهن ڪو آواز ڪنهن ايوان جي خاموشيءَ کي چيري صدين جي سوال کي هڪ جملي ۾ ويڙهي ڇڏيندو آهي. 'نيت ڏسڻي آهي' هيءَ ڪو نعرو ناهي، هيءَ هڪ چابڪ آهي، جيڪو هر انهيءَ هٿ تي وسندو آهي جيڪو اقتدار جي نئين سر جوڙجڪ جي نالي ۾ تاريخ جي پراڻن زخمن کي وري کوٽيندو آهي. ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي ڪهاڻي، جيڪڏهن ويجهو ڏٺي وڃي ته هيءَ ڪو هڪ ئي دفعي جو سانحو ناهي، هيءَ هڪ اهڙو سلسلو آهي، جنهن ۾ هر نسل ساڳيو سوال پڇيو ۽ هر دفعي جواب اهو ئي مليو ته نيت ۾ کوٽ هئي. هڪ آواز اقتدار جي ايوانن جي ڪنهن ڪنڊ مان بلند ٿئي ٿي: 'مان هن مفروضي کي نٿو مڃان ته ڳالهيون غلط ٿيون آهن جيڪر جيڪي سترسلن ۾ ٿيو سو نيڪ نيتيءَ سان ٿئي ها' اهو جملو سادو ناهي، بلڪ اهو هڪ الزام نامو آهي. هڪ اهڙي شاهدي آهي، جيڪا تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ بيهي ڳالهائي ٿي. ايوب خان جڏهن مقامي حڪومتن جي نظام کي پنهنجي سياسي بقا جي ڍال بڻايو ته اصلاح جو موقعو ضايع ٿي ويو. جنرل ضياءُ الحق آئين جو حليو بگاڙي ڇڏيو ۽ جڏهن 1979ع جي اليڪشن رڳو ان لاءِ ملتوي ڪيائين ته پيپلز پارٽيءَ کي دفن ڪري سگهجي ۽ 1985ع جي غير جماعتي چونڊن ذريعي پنهنجي لاءِ هڪ نئون سياسي قبيلو ٺاهيو ويو ته اها رڳو هڪ اليڪشن نه هئي، اها نيت جو هڪ اعلان نامو هئي. جنرل مشرف ايوب خان جي دور حڪومت جي شراب کي نئين بوتل ۾ بند ڪري آڻي جون ڪوششون ڪيون، جيتوڻيڪ اهو نظام عوام لاءِ بهتر هو پر سياستدانن جي سياست لاءِ زهر قاتل هو، ان ڪري هتان هن پراڻي نظام کي سندس وڃڻ کان پوءِ ريورس ڪري ڇڏيو. ڪيترن ئي سالن دوران جنرل باجوه جي دور ۾ 1985ع جي ان ئي نسل کي، هڪ هڪ ڪري چونڊي چونڊي ختم ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪلو گلا پيپلز پارٽيءَ کي به وڙهايو ويو جڻ تاريخ پنهنجي ئي اوزار سان پنهنجو پاڻ کي ڪٽيندي رهي.

سوال اهو ناهي ته صوبا ٺاهجن يا نه ٺاهجن؟ پر سوال اهو آهي ته: اها خواهش ڪٿان اٿي؟ نه پارليامينٽ مان، نه ڪنهن وڏي سياسي جماعت مان، نه عوامي نمائندگيءَ جي ڪنهن دروازي مان. ڪهڙي دهليز مان اها صدا بلند ٿي؟ جيئو وڃي ٿو ته اها خواهش طاقتور ترين طرفان اٿي آهي پر هتن انهيءَ جو اعتراف نه ڪيو آهي. تڏهن به جيڪا ڳالهه پردي پويان کان ڳالهائي وڃي ٿي، سا نيت جي ڪوتائيءَ جو پهريون ثبوت بڻجي وڃي ٿي. هونئن ته جنهن ڳالهه تي سموري قوم جو اتفاق آهي ته مقامي حڪومتن کي حقيقي اختيار ملڻ گهرجي ته اقتدار جي هيٺين سطح تائين منتقلي هڪ بنيادي فرض آهي. ان ئي اتفاق راءِ کي بحث جو موضوع بڻائي صوبن جي نئين جوڙجڪ ۽ ريفرنڊم ڏانهن موڙي ڇڏڻ هڪ فڪري فريب کان سواءِ ڪجهه به ناهي. جنهن ڏينهن سياسي جماعتون هڪ بنيادي سوال تي متفق ٿي وڃن ۽ پوءِ به اهو ئي سوال هڪ نئين تڪرار جي صورت اختيار ڪري وڃي ته سمجهي وٺڻ گهرجي ته اصل نشانو ڪجهه ٻيو آهي.

تاريخ ڪنهن کي به معاف نه ٿي ڪري پر اها هر ڪنهن جو حساب ڪري ٿي. ان حساب جي زد ۾ آهي سياستدان به اچن ٿا. جيڪي ڪڏهن ڏاڍن جي اڱڻ سيني تائين بيٺل رهيا ۽ اڄ اهي ئي انهيءَ جي هٿ هيٺ وڃيل آهن. ياد رهي ته اهو هائبرڊ نظام، جنهن جو روئڻ اڄ سڀ روئي رهيا آهن. ڪنهن خال ۾ پيدا نه ٿيو هو اهو عمران خان جي دور ۾، نئون پاڪستان ٺاهڻ جي خواب مان جنم ورتو ۽ جيڪي اڄ پاڻ کي ان جو سڀ کان وڏو نقاد ظاهر ڪري رهيا آهن ڪالهه جيڪي سياسي جماعتون ان نظام خلاف سراپا احتجاج بڻيل هيون، اڄ اهي ئي اقتدار جون وارث بڻيل آهن.

آمريڪا ڪڏهن پاڪستان کي ڊالرن جي خيرات ڏيڻ کان پوءِ چوندو هو ته: ڊو مور ۽ هاڻي اها ئي ٻولي، اهو ئي لهجو، اهو ئي حڪم طاقتور ترين پنهنجي اينايل سياسي جماعتن کي ٻڌائي رهيون آهن. فرق صرف اهو آهي ته اڳي اهو حڪم ٻاهرين طاقت کان پاڪستان ايندو هو پر اڄ اهو اندروني طاقت جي ايوان مان سياستدانن لاءِ اچي ٿو ۽ تعميل ڪندڙ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ڪڏهن جمهوريت ۽ خودمختاريءَ جا علمبردار سڏيا ويندا هئا. جمهوريت جيڪا ڪڏهن هڪ منزل هئي هاڻي رڳو هڪ لفظ بڻيل رهجي وئي آهي. هڪ اهڙو خال جنهن اندر فيصلا ڪٿي ٻئي هنڌ ٿين ٿا ۽ اعلان ايوان ۾ ڪيو وڃي ٿو. هن زوال ۾ سياستدانن جو پنهنجو حصو به ڪجهه گهٽ ناهي. ٻنهي وڏين جماعتن جي سياسي ڦُرلٽ اُتي ئي جاري آهي جتان اها ڪهاڻي شروع ٿي هئي. اقتدار وارن جي اُها ئي پراڻي راند، اهم عهدن ۽ وسيلن جي اُها ئي پراڻي ورهاست ۽ عوام جي نالي ۾ اُهوئي پراڻو فريب جاري آهي. صدر زرداري، جنهن جو سياسي تجربو ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. 27هين آئيني ترميم جي آخري گهڙين ۾ اها گهر ڪئي ته تاحيات استثنيٰ جيڪو شروعات ۾ رڳو آرمي چيف (CDF) لاءِ تجويز ڪيل هو پاڻ لاءِ به حاصل ڪري ورتائين. هڪ اهڙو تجربو جيڪو تحسين ته حاصل ڪري سگهي ٿو پر اعتماد ناهي.

پر هيءَ ئي اهو مقام آهي، جتي هوشياري، داناءِ جو روپ نٿي ڌاري سگهي. حڪومت مان لطف اندوز ٿيندڙ سياستدان وقتي فائدي خاطر ۽ رڳو عمران خان جي مخالفت جي جنون ۾، اهو ڊگهي مدي جو فائدو وڃائي ويٺا، جيڪو هڪ جيئري، خودمختار جمهوريت جي صورت ۾ کين ملي سگهيو ها. اڄ حالت اها آهي جو اهي پاڻ اهڙا گهوڙا بڻجي چڪا آهن جنهن جو لغام ڪنهن ٻئي هٿ ۾ آهي، جنهن جي رفتار ڪنهن ٻئي جي اشاري جي محتاج آهي ۽ جيڪي رڳو ان آسري تي جيئرا آهن ته اهي اڃا به ميدان ۾ ڊوڙي رهيا آهن. اهڙي حالت ۾ سوال اهو ناهي ته صوبا ٺهندا يا نه؟ سوال اهو آهي ته جيڪي هٿ صوبن جو نقشو ٺاهي رهيا آهن، اهي ئي هٿ آهي، جنهن قانوني حلون به ناهيون.

ايوب خان ۽ مشرف، ٻئي فوج جا سپهه سالار هوندي به ملڪ جا صدر ٿيا. فرض ڪيو ته جنهن عدالت کي هن سموري ڍانچي تي نظر رکڻي هئي، ان معزز عدالت پڻ ان ئي ترميم جي ڪُک مان جنم ورتو آهي. نئين وفاقي آئيني عدالت جي پهرين چيف جسٽس ۽ ججن جي مقرري وزيراعظم جي صلاح تي صدر ڪري ٿو. هيءَ اها ئي معزز عدالت آهي جنهن کي سياسي صوبن جي نئين جوڙجڪ جي قانوني حيثيت تي فيصلو ڏيڻو آهي.

هتي نون صوبن بابت هلندڙ بحث پنهنجو اصل چهرو ڏيکاري ٿو جيڪو ظاهري طور تي بااختيار ۽ مقامي حڪومت جي ٻولي ڳالهائي ٿو. آئين جو آرٽيڪل 239 صاف چوي ٿو ته نئون صوبو ٺاهڻ لاءِ پهريان لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ٻه ڀاڱي ٽي جي اڪثريت گهربل آهي ۽ پوءِ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن جي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت ۽ ڪوبه ريفرنڊم هن گهرج جي جاءِ نٿو وٺي سگهي. پر جڏهن اهو رستو ڏکيو نظر ايندو ته قانوني ماهرن خدشي جو اظهار به ڪري رهيا آهن ته شايد پوءِ هڪ نئين تجويز ميدان ۾ لاٿي ويندي؛ آرٽيڪل هڪ ۾ ترميم ڪري صوبائي اسيمبليءَ جي رضامنديءَ جو شرط ئي ڪڍي ڇڏجي ۽ نوان صوبا ٺاهڻ جو اختيار رڳو پارليامينٽ حوالي ڪري ڇڏجي. سينيٽ ۾ سيٽون آباديءَ کان قطع نظر هر صوبي کي برابر ملن ٿيون، جيڪڏهن نوان صوبا، ڪمزور ۽ اقتدار نواز ماڻهن سان وجود ۾ آندا وڃن ته ٻه ڀاڱي ٽي جي اڪثريت جو انگ ضرور وڌندو پر ان ئي تناسب ۾ اقتدار نوازيءَ جا ووٽ وڌندا.

اجوڪي سموري صورتحال پويان آهي سياستدان بيٺل آهن جن وٽ وڃائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي پر عوام کي ڏيڻ لاءِ تمام گهٽ. ڏهاڪن جي محنت سان قائم ڪيل انهن جا سياسي ڪوٽ پنجاب ۾ هڪ جماعت جو ۽ سنڌ ۾ ٻي جماعت جو، نون صوبن جي قيام جي صورت ۾ ڪمزور يا منتشر ٿي سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي ته اهي سياستدان جيڪي پنهنجن مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر وقت متحرڪ رهن ٿا. حقيقت ۾ ان ئي اقتدار جي آڏو پنهنجي سياسي خودمختاري گروي رکي ويٺل آهن. جنهن کان نجات جا نعرا اهي پاڻ ئي هڻندا هئا. اڳوڻي چيئرمين سينيٽ رضا ربانيءَ جهڙا ڪجهه سينيئر اڳواڻ مسلسل اهو موقف اختيار ڪري رهيا آهن ته ملڪي مسئلن جي پاڙ جتي صوبن جو موجوده انتظامي ڍانچو ناهي، بلڪ آئين جو بار بار معطل ٿيڻ، جمهوري ادارن جو ڪمزور هئڻ ۽ سياسي نظام ۾ مسلسل مداخلت ڪرڻ آهي پر افسوس جو اقتدار جي راهدارين ۾ اهڙا آواز هميشه صدا بصحرا ثابت ٿيندا رهيا آهن.

تاريخ جو سڀ کان وڏو الميو اهو ناهي ته اها پاڻ کي ورجائي ٿي، بلڪ اهو آهي ته اسين هر دور ۾ اهو ئي سوال اُئين پڇون ٿا، جڻ هو پهريون پيرو اسان جي آڏو آيو هجي. اڳوڻي فيلڊ مارشل کان موجوده فيلڊ مارشل تائين هر دور اصلاح، استحڪام ۽ قومي مفاد جي نالي ۾ آئين کي پنهنجي ضرورت مطابق استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي رهي آهي. هر دور ۾ سياستدان ڪڏهن مجبوريءَ ۾ ته ڪڏهن پنهنجن مفادن جي ڪري هر عمل جو حصو بڻجندا رهيا آهن. فرق صرف اهو آهي ته ڪڏهن آئين تي مارشل لا جي آرڊيننس ذريعي هنيو ويندو هو ۽ اڄ اهو ئي عمل پارليامينٽ جي ووٽ، آئيني ترميمن ۽ جمهوريت جي مقدس ٻوليءَ جي پردي ۾ انجام پائي ٿو. الميو رڳو اهو ناهي ته اختيارن جي ڇڪتاڻ ختم نٿي سگهي، بلڪ اها به آهي ته عوام جي ووٽ سان اقتدار ۾ ايندڙ وڏيون سياسي جماعتون به بار بار عوام جي امانت کي ديانتداري، شفافيت ۽ بهتر حڪمرانيءَ ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون.

ان سان گڏ هڪ ٻي تلخ حقيقت اها به آهي ته اسين بحيثيت قوم مسلسل ورهائجي رهيا آهيون. ڪڏهن فرقن جي نالي ۾، ڪڏهن نسل ۽ ٻوليءَ جي نالي ۾ ته ڪڏهن سياسي جماعتن جي نالي ۾ ۽ انهن ئي جماعتن جي مختلف ڌڙن ۾. ڪٿي ڳاڙهي ٽوپي، ڪٿي سائي ٽوپي، ڪٿي اڇي يا ناسي ٽوپي، ڪٿي پڳ، ڪٿي برادري، ڪٿي ذات ۽ ڪٿي علائقائي سڃاڻپ اسان جي اصل سڃاڻپ بڻجي وئي. اسين پاڪستاني گهٽ ۽ پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ جا محافظ وڌيڪ بڻجندا رهندا اچون ٿا. جيڪا قوم پنهنجي قومي مفاد تي متحد ناهي ٿيندي، سا هميشه ورهاست جو شڪار رهندي آهي ۽ ان قوم تي پوءِ اهو ئي حڪمراني ڪرڻ جو اهو ئي طريقو لاڳو ٿئي ٿو، جنهن جو سلسلو سٺ ڏهاڪن کان پنهنجي ملڪ ۾ جاري آهي. چهرا مٽجن ٿا، نعرا مٽجن ٿا، جماعتون مٽجن ٿيون پر اقتدار جو نظام ۽ عوام جون محروميون ساڳيون رهن ٿيون.

اصل سوال نون صوبن جو ناهي بلڪ طرز حڪمراني، سياسي ڪردار ۽ قومي شعور جو آهي. جيستائين سياسي قيادت پنهنجي اخلاقي ساک، ديانتداري ۽ عوامي اعتماد بحال نٿي ڪري ۽ جيستائين عوام پنهنجي لساني، نسلي، فرقي واريون ڳالهيون ۽ جماعتي ورهاست کان مٿي ٿي پاڻ کي پاڪستاني سمجهڻ نٿو شروع ڪري، تيستائين ڪردار تبديل ٿيندا رهندا پر ڪهاڻي ساڳي رهندي. قومون رڳو آئيني ترميمن يا انتظامي نقشن جي تبديليءَ سان نٿيون تبديل ٿين بلڪ ان ڏينهن تبديل ٿين ٿيون. جڏهن اقتدار کي ذاتي جاگير نه پر عوام جي امانت سمجهيو وڃي. سياست خدمت جو نالو بڻجي ۽ عوام پنهنجي سڃاڻپ کان مٿي ٿي هڪ قوم بڻجي وڃي. شايد ايندڙ نسل اسان وانگر هڪ ئي سوال بار بار ورجائڻ تي مجبور نه ٿئي بلڪ هو اهڙو نظام جوڙي سگهي، جتي آئين طاقتور ماڻهن جي خواهش نه هجي، بلڪ عوام جي گڏيل عهد جي علامت هجي. ان ڏينهن شايد تاريخ پهريون پيرو پاڻ کي ورجائڻ بجاءِ هڪ نئون باب لکندي.

اصل سوال نون صوبن جو ناهي بلڪ طرز حڪمراني، سياسي ڪردار ۽ قومي شعور جو آهي جيستائين سياسي قيادت پنهنجي اخلاقي ساک، ديانتداري ۽ عوامي اعتماد بحال نٿي ڪري ۽ جيستائين عوام پنهنجي لساني، نسلي، فرقي واريون ڳالهيون ۽ جماعتي ورهاست کان مٿي ٿي پاڻ کي پاڪستاني سمجهڻ نٿو شروع ڪري، تيستائين ڪردار تبديل ٿيندا رهندا پر ڪهاڻي ساڳي رهندي قومون رڳو آئيني ترميمن يا انتظامي نقشن جي تبديليءَ سان نٿيون تبديل ٿين بلڪ ان ڏينهن تبديل ٿين ٿيون جڏهن اقتدار کي ذاتي جاگير نه پر عوام جي امانت سمجهيو وڃي، سياست خدمت جو نالو بڻجي ۽ عوام پنهنجي سڃاڻپ کان مٿي ٿي هڪ قوم بڻجي وڃي شايد ايندڙ نسل اسان وانگر هڪ ئي سوال بار بار ورجائڻ تي مجبور نه ٿئي بلڪ هو اهڙو نظام جوڙي سگهي، جتي آئين طاقتور ماڻهن جي خواهش نه هجي بلڪ عوام جي گڏيل عهد جي علامت هجي

گلوبل هندو ايوارڊ، ڌرتي ماتا پاڪستان جي نالي..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

آئون هن وقت ڪينيڊا جي شهر ڪيلگري ۾ موجود آهيان جتي 'ڏتيرس گالا' نالي هڪ رنگين ۽ شاندار تقريب دوران مون کي گلوبل هندو ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي. هيءَ هڪ وڏي ۽ اهم تقريب هئي جنهن ۾ رڳو ڪينيڊا مان نه پر دنيا جي مختلف ملڪن مان سياسي اڳواڻن، سفارتڪارن، سماجي ڪاروباري شخصيتن، هندو برادري جي نمائندن ۽ ٻين ڪيترن ئي اهم ماڻهن شرڪت ڪئي. تقريب دوران ڪينيڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارني هندو برادري جي انهن خدمتن کي ساراهيو، جيڪي هنن ڪينيڊا جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ سرانجام ڏنيون آهن. هُن چيو ته هندو ڪميونٽي ڪينيڊا جي سماج ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ اهم ۽ مثبت ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ان موقعي تي البرٽا صوبي جي وزيراعليٰ ڊينيئل اسمٿ، مخالف ڌر جي اڳواڻ پيئر پوئيليور، جڏهن ته اونٽاريو ۽ سسڪيچوان صوبن جي وڏن وزيرن به هندو برادري جي ملڪ لاءِ مثبت ڪردار کي ساراهيو ۽ سندن خدمتن کي مڃتا ڏني. تقريب ۾ ڪيلگري شهر جي ميئر جيرومي فرڪاس، البرٽا جي انصاف واري وزير ۽ اٽارني جنرل مکي امر سميت ڪيترن ئي پارليامينٽ ميمبرن، چونڊيل عوامي نمائندن، مختلف ملڪن جي سفارتڪارن ۽ دنيا جي سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي. ان ڪري هيءَ تقريب رڳو هڪ ايوارڊ ڏيڻ واري تقريب نه، پر عالمي سطح تي مختلف شعبن سان لاڳاپيل اهم شخصيتن جي گڏجاڻي پڻ هئي.

هن عالمي ايوارڊ لاءِ هر سال دنيا جي مختلف ملڪن مان ڪنهن هڪ اهڙي شخصيت کي چونڊيو ويندو آهي، جيڪا انسانيت جي خدمت لاءِ بنا ٿڪ جي ڪم ڪري، سچائي ۽ خلوص سان ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪوششون ڪندي رهي ۽ جنهن جي ڪمن جو علمي سطح تي ماڻهن ۽ سماج تي مثبت اثر پوي، هن سال اِهو عالمي ايوارڊ حاصل ڪري مون کي اِهو اعزاز پڻ مليو آهي ته مان پاڪستان جو پهريون ۽ واحد شهري آهيان جنهن کي هيءَ عالمي ايوارڊ ڏنو ويو آهي. منهنجي لاءِ اهو اعزاز نه رڳو ذاتي خوشيءَ جو سبب آهي پر پاڪستان لاءِ پڻ فخر جي ڳالهه آهي. جڏهن تقريب جي منتظمين طرفان مون کي پنهنجا خيال پيش ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني وئي ته مون ضروري سمجهيو ته هندو ڌرم جي اصل امن واري تعليم کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ سڀني مذهبن جي عزت ۽ احترام تي به زور ڏيان. هندو ڌرم جي بنيادي ويدڪ تعليم ۾ سيوا يعني سڀني جي بنا ڪنهن لالچ يا بدلي جي خدمت ڪرڻ، ڪارونا يعني رحم ۽ همدردي، ڪرما يعني سٺن ڪمن جو سٺو نتيجو ۽ واسوڌيو ڪٽمبڪم يعني 'سڄي ڌرتي هڪ خاندان آهي' واري سوچ کي خاص اهميت حاصل آهي. آئون پنهنجي والد محترم ڊاڪٽر سيتل داس جو اِهو سونهري سبق ڪڏهن به وساري نٿو سگهان ته ڪامياب انسان اُهو ناهي جيڪو رڳو پنهنجي لاءِ جيئي، پر اصل ڪامياب انسان اُهو آهي جيڪو ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن کي سمجهي ۽ انهن سان گڏ بيهي. هندو ڌرم ۾ بکايل انسان کي کاڌو کارائڻ کي وڏي نيڪي سمجهيو وڃي ٿو. منهنجو يقين آهي ته جيڪڏهن اسان جي سماج مان بک، غربت ۽ محرومي ختم ٿي وڃي ته ڪيترائي جهيڙا ۽ تڪرار پاڻ ئي گهٽجي سگهن ٿا. پارليامينٽ ميمبر جي حيثيت سان مون هميشه پارليامينٽ کي عوام جي خدمت جو ذريعو سمجهيو آهي. منهنجي ڪوشش رهي آهي ته اقليتن جي آئيني حقن جي تحفظ، مذهبي آزادي، مختلف مذهبن وچ ۾ ڀائيچاري ۽ هم آهنگي، تعليم، صحت، عورتن جي حقن ۽ سماجي انصاف لاءِ اثرائتي قانونسازي ۽ پاليسي ٺاهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريان. گذريل ٻن ڏهاڪن دوران پاڪستان هندو ڪائونسل مفت طبي ڪئمپن، تعليمي سهائتا، قدرتي آفتن دوران امدادي سرگرمين، اجتماعي شادين، مختلف مذهبن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه، مالي مدد، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ جاب فيئر ۽ ٻين ڪيترن ئي فلاحي منصوبن ذريعي هزارين خاندانن جي زندگي بهتر بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪائونسل جي سرپرست اعليٰ جي حيثيت سان منهنجي هميشه اِها ڪوشش رهي آهي ته انهن فلاحي منصوبن مان ڪنهن هڪ مذهب يا برادري جا ماڻهو نه، پر هر مذهب ۽ هر طبقي سان تعلق رکندڙ ضرورتمند ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهي.

پاڪستان ۾ اقليتن جي حقن جي تحفظ لاءِ سنگ ميل سمجهيو ويندڙ سپريم ڪورٽ جي 19جون 2014ع واري تاريخي فيصلي ۾ عدالت عظميٰ آڏو منهنجي پيش ڪيل دليلن پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪجهه سال اڳ جڏهن اسان جو پيارو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر پريم ڪمار وانڪواڻي اسان کي روئندو ڇڏي هن دنيا مان هليو ويو ته وانڪواڻي خاندان پنهنجي اباڻي علائقي اسلام ڪوٽ ۾ 150 ايڪڙن تي پکڙيل 'پريم نگر لينڊ آف لَوُ' نالي هڪ شاندار منصوبو شروع ڪيو. هن منصوبي جي چيئرمين طور ان جي نگراني ۽ اڳواڻي ڪرڻ جي ذميواري مون کي ڏني وئي. اڄ پريم نگر سنڌ جي پٺتي پيل ضلعي ٿرپارڪر جي ريگستاني علائقي ۾ انسانيت جي خدمت جو هڪ بهترين نمونو بڻجي رهيو آهي. هتي جديد تعليمي ادارن، يتيم خاني، بزرگن لاءِ رهائشي مرڪز، خاص ماڻهن جي بحالي مرڪز، هنر سيکارڻ وارن مرڪزن، نرسنگ ۽ پيرا ميڊيڪل ڪاليج، ٿر يونيورسٽي ۽ ٻين فلاحي منصوبن تي ڪم جاري آهي. منهنجي الله کان دعا آهي ته پريم نگر محبت، رواداري، برداشت ۽ انسانيت جي خدمت جي اهڙي شاندار مثال بڻجي جنهن تي هر پاڪستاني فخر ڪري سگهي. ڪينيڊا ۾ گلوبل هندو ايوارڊ وصول ڪندي مون عالمي نمائندن آڏو اهو به اجاگر ڪرڻ ضروري سمجهيو ته موجوده پاڪستان جي ڌرتي هزارين سالن کان قديم هندو تهذيب جو مرڪز رهي آهي. اڄ به هنگلاج ماتا مندر، ڪٽاس راج مندر، ٽيري مندر، ملتان جو پرهلاد مندر ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا مقدس هنڌ نه رڳو هندو عقيدتمندن لاءِ روحاني اهميت رکن ٿا، پر اِهي اسان جي گڏيل تاريخ جا زنده آثار پڻ آهن. مون تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي دعوت ڏني ته اُهي پاڪستان اچن، انهن مقدس هنڌن جي ياترا ڪن ۽ پاڻ ڏسن ته پاڪستان جي هيءَ ڌرتي مختلف مذهبن، ثقافتن ۽ تهذيبن جي خوبصورت ميلاپ جي امين ڪيئن رهي آهي. منهنجي نظر ۾ ياترا رڳو پوڄا پاٺ تائين محدود ناهي پر اها مختلف ماڻهن ۽ برادرين جي دلين کي هڪٻئي سان ڳنڍڻ جو ذريعو پڻ بڻجي سگهي ٿي. مون گندارا سياحت بابت پنهنجو اڳوڻو تجربو پڻ شيئر ڪيو ۽ ٻڌايو ته جڏهن مختلف ملڪن جا ماڻهو پاڪستان اچي هتان جا مقدس هنڌ، ثقافت، مهمان نوازي ۽ مذهبي هم آهنگي پاڻ ڏسن ٿا ته سندن ڪيتريون ئي غلط فهميون ختم ٿين ٿيون ۽ محبت، احترام ۽ اعتماد جا نوان رستا کلي وڃن ٿا. منهنجي خيال ۾ اها ئي علمي مذهبي هم آهنگي ۽ عوامي سفارتڪاري آهي، جنهن جي اڄ دنيا کي اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي. منهنجي نظر ۾ ڪنهن به اعزاز جي اصل اهميت ان وقت وڌي وڃي ٿي، جڏهن اهو انسان کي وڌيڪ ذميوار بڻائي. اڄ مان گلوبل هندو ايوارڊ جو هيءُ اعزاز پنهنجي ڌرتي ماتا پاڪستان جي نالي ڪندي اِهو چوڻ چاهيان ٿو ته انسانيت جي خدمت جو سفر ڪڏهن ختم نٿو ٿئي. اهڙي هر ڪاميابي انسان کي وڌيڪ عاجزي، وڌيڪ محنت ۽ وڌيڪ خلوص سان اڳتي وڌڻ جو حوصلو ۽ جذبو ڏئي ٿي.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

آگَرَ ڪِيو اَڃَڻ، سَڄَڻَ سانوڻَ مينهن جِيئَن،
پاسي ٿَن وَسَن، جي سَڀِ ڄَمانڊَرِ سِڪِيُون.

لطيف سائين سڪ، پيار، انتظار، اوسيئڙي واري حالت جيڪا ذهني طور انتهائي تڪليف ڏيندڙ هوندي آهي، دل اندر پرين جي ملڻ جي تانگهه، ٻئي ماڻڻ مڃائيندي آهي. تن جذبن جي نقش نگاري ڪندي چئي ٿو ته سڪ وند دلين جو اهو اوسيئڙو مينهن وسڻ کان اڳ جهڙ جي ڪلهي جي ملهار ۽ اگهر ڪرڻ واري ڪيفيت سان پيٽي ٿو جو ته جن جا وارث، سڄڻ پرين محبوب پرڏيهه پنڌ تي هجن تن جي اچڻ لاءِ سندن دلي تاثر اهڙا ئي هوندا آهن جن ۾ پيار پريا ماڻا ۽ ميڻاس واري محبت جي آميزش گڏيل هوندي آهي. شل اهي ميٺهن سدائين پاسي ٿن وسن يعني ميٺهن انهن جي طرف وسن جيڪي سڄي عمر جي سڪايل رهن ٿا. سندن رهائشون پوريون ٿي نه ٿيون. ان ڪري سندن سڄڻ سدائين لاءِ هميشه لاءِ انهن وٽ هجن. سدائين لاءِ سَڪاڻ ٿي سڪار هجي. ڪنهن کي پرانهين پنڌ پيٽ ڳنڍڻ لاءِ نه وڃڻو پئي، پنهنجي سڄڻ سان گڏ هجن. سندن صحبت ڪاڻ ٿورو وقت ملي ٿو باقي جمار سڪندي گذري ٿي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجوڪو ڏينهن ---- 06 آگسٽ

حليم بروهي

اڄ مشهور ليکڪ حليم بروهيءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي. هن جي جنم جي تاريخ ڪجهه حوالن ۾ 5 آگسٽ ۽ ڪجهه حوالن ۾ 6 آگسٽ ڄاڻائي وئي آهي. جڏهن ته جنم جو سال 1936ع آهي. هو حيدرآباد ۾ ڄائو. بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪيو ۽ چيف اڪائونٽنٽ طور رٽائر ٿيو. سنڌي ادبي ميدان ۾ هڪ شاعر، ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار ۽ مزاح نگار طور مشهور آهي. هن جي ڪتابن ۾ "هتلر جي ڪهاڻي" (1972ع)، "هتلر لکيو" (1972)، "اوڙاهه" (ناول- 1985ع)، "حليم شو" (1983ع)، "جيڪي مون لکيو" (ڪالم ۽ مضمون-2002ع) ۽ ڪجهه انگريزي ڪتاب شامل آهن. 28 جولاءِ 2010ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيائين.

مسعود رانا

پاڪستاني فلمن جي هن مشهور سنگيتڪار جو جنم 6 آگسٽ 1941ع ۾ ميرپورخاص ۾ ٿيو. ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 9 جون 1938ع ڄاڻائي وئي آهي. هن کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هو. مشهور مزاحيه اداڪار ملڪ انوڪو ۽ مشهور راڳيندڙ غلام قادر لنجواڻي سندس دوست هئا. مسعود رانا انهن سان گڏ مقامي ثقافتي تقريبن ۽ شادين وغيره ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ اتي پنهنجا سُر وکيريندو هو. 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. ريڊيو تي سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪجهه سنڌي گيت اڃا تائين نشر ڪيا وڃن ٿا. 1960ع ڌاري هن ڪراچيءَ ۾ هڪ ميوزيڪل بينڊ ٺاهيو. جنهن ۾ پاڪستاني فلمن جو مشهور اداڪار نديم ۽ مشهور ڳائڻو اخلاق احمد به شامل هئا. اڳتي هلي سنڌ ڇڏي لاهور جا وڻ وڃي وسايائين ۽ فلمن ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. هن جي پس پرده سنگيتڪار طور پهرين فلم "انقلاب" هئي، جيڪا 1962ع ۾ رليز ٿي. ان بعد هن اردوءَ ۽ پنجابي فلمن لاءِ سوين گيت ڳايا، جن کيس مقبوليت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. مسعود رانا کي پاڪستان جو محمد رفيع سڏيو وڃي ٿو. تاريخ 4 آڪٽوبر 1995ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

حافظ سخي محمد مهراڻ

هن ناليواري عالم ۽ اديب جو جنم 6 آگسٽ 1954ع تي ڳوٺ واوڙي، تعلقي ڇاڇري ضلعي ٿرپارڪر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هن 1972ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو. هن ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ ٻين موضوعن سان گڏ حر تحريڪ تي ڪيترائي مضمون لکيا. پاڻ هڪ بهترين ڪاتب پڻ هو. هن قرآن شريف جو فارسي ٻوليءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو. سندس ذاتي لائبريريءَ ۾ 16 هزار کان وڌيڪ قيمتي ڪتاب موجود هئا.

الهه بخش سامت

الهه بخش سامت ڳوٺ ٽڙي، تعلقي ٺُل ضلعي جيڪب آباد جو هڪ مشهور سگهڙ آهي. هن جي جنم جي تاريخ 6 آگسٽ 1960ع آهي. هن جا سينگار بيت سگهڙن جي دنيا ۾ ڪافي مشهور آهن. سگهڙائپ ۾ سندس استاد بهار خان بروڙو آهي.

مولائي ملاح

هن ناليواري ليکڪ جو جنم 6 آگسٽ 1969ع تي محراب پور ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هو محراب پور جي تعليمي ادارن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين پڙهيو. اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. هو قاضي احمد، ڪنڊياري ۽ اباوڙي جي مارڪيٽ ڪميٽيءَ جو انسپيڪٽر رهيو. صحافتي سفر جي شروعات "روزاني عوامي آواز" ۾ رپورٽر طور ڪيائين. ان بعد سندس ڪالم ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن جي سونهن بڻجندا رهيا آهن. هن هڪ ڪهاڻيڪار طور 1966ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو. بعد ۾ شاعري ڪيائين ۽ مضمون به لکيائين. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "شير ميربحر: فن ۽ شخصيت"، "پرهه جا پيارڪ"، "هڪ صديءَ جو سفر: محرابپور جي عزاداري"، "ملهه جو عالمي فاتح: شير ميربحر"، "چارڻ چوريو جنگ"، "مون پريان سين نيڻهن"، "حسيني قافلو: گنبٽ کان ڀٽ شاهه"، "عيد، عشق ۽ سنڌ"، "ڏکَ سُکن جي سونهن" ۽ "سفيرِ عزا" شامل آهن.

مقبل زرداري



مختيار اڙ

هن نوجوان شاعر جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1996ع ۾ ٿيو. سندس اصل نالو علي حيدر ولد صفر خان زرداري آهي ۽ سندس واسطو قاضي احمد سان آهي. هن 2010ع ڌاري شاعري شروع ڪئي. هن جي شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي. سندس ڪجهه شاعري گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن "سانت چڙهندو لڪئين" ۽ "سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا" ۾ شامل آهي.

مولانا عبدالعزيز ترڇاڻوي

مولانا عبدالعزيز سنڌ جو جيد عالم، صحافي ۽ تحريڪ آزاديءَ جو هڪ سرگرم ڪارڪن هو. سندس ولادت پني عاقل تعلقي جي مشهور ڳوٺ ترڇاڻيءَ ۾ مولانا محمد حيات قريشيءَ جي گهر ۾ ٿي. هن شروعاتي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. ان بعد مولانا عبدالقادر لنڊيءَ، مولانا تاج محمد امروٽي ۽ مولانا عبيد الله سنڌيءَ جهڙن جيد عالمن کان ديني تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. هن مولانا تاج محمد امروٽيءَ کي قرآن مجيد جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ به مدد ڪئي. مولانا صاحب خلافت تحريڪ جو هڪ سرگرم ڪارڪن هو. هن انگريزن جي غلاميءَ خلاف پُراثر تقريرون ڪيون. سندس تقريرن تي انگريز سرڪار مچرجي پئي ۽ کيس جيل جون صعوبتون برداشت ڪرڻيون پيون. مولانا عبدالعزيز 1930ع ۾ خلافت ڪميٽي سکر جي صدر طور ذميداريون سنڀاليون. هن سکر ضلعي ۾ خلافت تحريڪ کي مقبول بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پاڻ مختلف ديني مدرسن ۾ درس ۽ تدريس سان منسلڪ رهيو. سکر مان "الحق" نالي سان هڪ اخبار به جاري ڪيائين. ان کان علاوه "صحيفه قادريه" نالي هڪ ڪتاب به تصنيف ڪيائين. هن نيڪ انسان 6 آگسٽ 1950ع تي راهه رباني ورتي.

قاضي احمد ميان اختر جهوناڳڙهي

اڄ مشهور محقق، عالم ۽ اديب قاضي احمد ميان اختر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جا وڏا اصل ۾ سنڌ جي شهر ٺٽي جا رهواسي هئا، جتان روزگار سانگي لڏي وڃي جهوناڳڙهه جا وڏ وسايائون. قاضي صاحب جي پيدائش 1897ع ڌاري جهوناڳڙهه ۾ ٿي. هو فقه، لسانيات ۽ اسلامي تاريخ جو وڏو ڄاڻو هو. هن کي هندي، اردو، گجراتي، سنسڪرت، انگريزي، فرانسيسي، جرمن، فارسي ۽ عربي ٻولين تي عبور حاصل هو. هن جا جهوناڳڙهه رياست جي نواب سان ويجها لاڳاپا هئا ۽ پاڻ نواب صاحب جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1927ع کان 1935ع تائين مسلم ايجوڪيشن ڪاٺياواڙ جو باني چيئرمين رهيو. ان کان علاوه جميعت المسلمين ڪاٺياواڙ جي نائب صدر ۽ جهونا ڳڙهه شهر جي ميئر طور به ذميداريون سنڀاليائين. پاڪستان ٺهڻ بعد جهوناڳڙهه ڇڏي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ هو انجمن ترقي اردو جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو ۽ انهيءَ تنظيم پاران شايع ٿيندڙ ٽماهي رسالي جو ڪجهه عرصي تائين ايڊيٽر به رهيو. 1952ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسلامي تاريخ واري شعبي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور ڪم ڪيائين. هو اسلامي تاريخ ۽ اردو ادب جو وڏو عالم ۽ اديب هو ۽ هڪ درجن کان وڌيڪ ڪتاب لکيائين. هن 6 آگسٽ 1955ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي ۽ کيس ڪراچيءَ ۾ دفنايو ويو.

عبدالڪريم بلوچ

عبدالڪريم بلوچ پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) جو پهريون سنڌي ڳالهائيندڙ پروڊيوسر هو. سندس جنم 5 جنوري 1938ع تي ڪراچيءَ جي بغدادي واري علائقي ۾ ٿيو پر سندس مائٽ لڏي وڃي ڪوٽڙيءَ جي ڳوٺ يوسف بلوچ ۾ آباد ٿيا. عبدالڪريم بلوچ جو ننڍپڻ ڪوٽڙيءَ ۾ ئي گذريو. مشهور اداڪار ساقي سندس پاڙي هو. هن ڪوٽڙيءَ جي شيرڊل هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي. هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪئي. حيدرآباد ريڊيو جي پروگرام فتح خان جي ڪچهريءَ ۾ گهنور خان ۽ ٻارڙن جي ٻاريءَ ۾ ماما ملوڪ جو سندس ڪردار ٻڌندڙن کي ڪافي پسند هو. هو براهمن ۽ ٻين پروگرامن ۾ به حصو وٺندو هو. 1966ع ۾ پروڊيوسر طور پاڪستان ٽيليويزن تي ڪم شروع ڪيائين. 1999ع ۾ جنرل مئنيجر طور رٽائر ٿيو. 2007ع ۾ سندس خدمتن جي اعتراف طور کيس پاڪستان جي صدر پاران حسن ڪارڪردگيءَ جو تمغو ڏنو ويو. عبدالڪريم بلوچ ٽيليويزن تان اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي يادگار پروگرام ٽيليڪاسٽ ڪيا. هن ڪيترن ئي هونهار اداڪارن کي ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو جن ۾ نور محمد لاشاري، شفيع محمد شاهه، انور سولنگي ۽ گلاب چانڊيو شامل آهن. هن ناميارو انسان 6 آگسٽ 2008ع تي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيو. کيس ڪوٽڙيءَ ۾ دفنايو ويو.

بقايا 1 روزاني عبرت

۾ ڪئي وڃي فائرنگ ۾ قتل نوجوان هوٽل ڏانهن اڳ گوٺ وڃي رهيا هيا ته رستي ۾ گولين هڻي قتل ڪيو ويو. معاملي ڊڄ صدمي ۾ هجڻ سبب ڪوئي به موقف اختيار نه ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته شاهاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ خوني تڪرار هلندڙ هيو جنهن جو نتيجو پڻ ٿي چڪو هيو پر اڄ بيهر فائرنگ جو واقعو سامهون آيو آهي، پوليس ڊي ايڇ ڪيو اسپتال پهچي وئي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 2 روزاني عبرت

2019ع تي ڀارت طرفان کنيل غير قانوني ۽ يڪطرفي قدمن جي سخت مذمت ڪرڻ هو. تقريب جي شروعات وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ جي اڳواڻيءَ ۾ يڪجهتي ريلي سان ٿي، جنهن ۾ ايڊيشنل ڪمشنر سکر ڊاڪٽر محمد عامر انصاري، پرو وائيس چانسلرز ڊين شعبن جي سربراهن، استادن، آفيسرن، ملازمن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي

بقايا 3 روزاني عبرت

هٽ ،لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، ريلوي پوليس فوتي جو لاش تعلقا اسپتال پهچايو ويو ،پوليس جو چوڻ آهي ته خدشو آهي ته فوت ٿيل شخص ڪنهن ٽرين سان ڪرڻ سبب فوت ٿيو آهي جنهن جي جاچ ڪري رهيا آهيون لاش تعلقا اسپتال ۾ :

بقايا 4 روزاني عبرت

پڇي لڳائيندڙ هڪ سگهاري ڌر جي چرچ تي اسلام ڪوٽ ڏانهن ويندڙ واپارين جون سمورين گاڏين چيڪ پوسٽن تي روڪي ڇڏيون ۽ پوليس ايس ايس پي جي حڪمن جو جواز ڄاڻائيندي ضلعي جي سمورين انٽري پوائنٽن وارين چيڪ پوسٽن تي پهچندڙ وڏن ٽرڪن ٽرالن سميت سال ڪئنڊڙ گاڏين کي اربع ڏينهن صبح سوير کان روڪي ٻعد ۾ شام سج لهڻ بعد 12 ڪلاڪن ڪانپوءِ ڪيس ڇڏيو ويو

بقايا 5 روزاني عبرت

حسين جڏهن ته وزيرستان کان آيل پارٽي اڳواڻ نورزمان چيو ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان خلاف اڄ ڏائين ڪو به اهڙو ڪيس ثابت نه ٿي سگهيو آهي، جنهن جي بنياد تي ڪيس قيد ۾ رکڻ جو جواز پيدا ٿئي. هنن چيو ته سياسي اختلافن جو حل جيلون ۽ گرفتاريون نه پر آئين، قانون ۽ عوامي راءِ جو احترام آهي. مقررن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ قانون جي بالادستي، آزاد عدليه ۽ حقيقي جمهوريت ئي قومي استحڪام جي ضمانت آهي. هنن مطالبو ڪيو ته عمران خان سميت سمورن سياسي قيدين کي انصاف فراهم ڪري ڪين آزاد ڪيو وڃي ۽ عوام جي جمهوري حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي.احتجاج ۾ وڏي انگ ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن ۽ حامين شرڪت ڪئي، جن پارٽي جا جهنڊا ۽ بينر کڻي حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي. مظاهري دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت رکيا ويا، جڏهن ته پروگرام پرامن نموني پڄاڻي تي پهتو

بقايا 6 روزاني عبرت

۾ هڪ چڱو فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ عورت سخت زخمي ٿي پئي. ڊرائيور ٽريڪٽر ٽرالي سميت فرار پوليس موجب فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ بلاول شيخ طور ٿي آهي جڏهن ته زخمي عورت جي سڃاڻپ شهزادي شيخ طور ٿي آهي جيڪا فوت ٿيل بلاول شيخ جي گهرواري آهي.حادثي جي اطلاع ملندي ئي صوبوديرو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي بلاول شيخ جو لاش ۽ زخمي شهزادي شيخ کي سڪيون اسپتال منتقل ڪيس جتي شروعاتي طبي امداد فراهم ڪئي وئي.پوليس موجب زخمي عورت جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندس علاج جاري آهي.هوڏانهن حادثي کان پوءِ ٽريڪٽر ٽرالي جو ڊرائيور گاڏي سميت فرار ٿي ويو پوليس موجب جوابدار جي ڳولا جاري آهي ۽ واقعي بابت وڌيڪ جاچ پڻ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

جي نتيجي ۾ رڳي واسي نوجوان عبدالباري ڪلهوڙو جي ڄنگهه ڀڃڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو آهي جنهن کي ڪندوستي پوليس 1122 ريسڪيو ايمبولنس ذريعي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو هوڏانهن ڪندوستي پوليس پاران موٽرسائيڪل ڦٽي ڪري پنهنجي تحويل هيٺ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪيهات پهچي وئي بعد ۾ علائقي جي معززين ۽ ڳوٺاڻن موقعي تي پهچي ٻنهي ڌرين کي ڌار ڪري جهيڙو ختم ڪرايو جهيڙي ۾ هڪ ڌر جا اڪبر چاچڙ احسان چاچڙ ذوالفقار چاچڙ ۽ ارباب چاچڙ زخمي ٿيا، جڏهن ته ٻي ڌر جا امتياز چاچڙ معشوق چاچڙ پيارو چاچڙ برڪت چاچڙ ۽ طالب چاچڙ پڻ زخمي ٿي پيا. زخمي ٿيل عورتن ۾ مسمات شاهل خاتون مسمات فائزه ۽ مسمات مڻان چاچڙ شامل آهن واقعي کان پوءِ زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن ڪين طبي امداد فراهم ڪئي زخمين سان امتياز چاچڙ ۽ معشوق چاچڙ جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪين وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو جتي سندن علاج جاري آهي ٻئي طرف تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ موجود ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي تي جهيڙو شروع ڪرڻ ۽ حملي جا الزام هنيا. ذريعن موجب ٻئي ڌرين پاڻ ۾ ويجها عزيز آهن، جنهن سبب واقعي کان پوءِ به سندن وچ ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي آخري اطلاعن ڏائين فريدآباد ٿاڻي تي واقعي بابت ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته پوليس طرفان به ڪنهن جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ڌرين سان رابطي ۾ آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

بنيادي ضرورتن پورين ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي چڪو آهي. هنن چيو ته تيل قيمتن جي مد ۾ ليوي جي ذريعي ساليانو 1700/1800 ارب رپيا عوام جي کيسن مان ٻاهر ڪڍيا وڃن ٿا. هنن چيو ته حڪمرانن جي ناڪاره پاليسين ۽ بدترين مهانگائي اٽو کنڊ، گيهه ،دالين ڪيس سبزين ميون دوائن ۽ ٻين ضروري استعمال جي شين جون قيمتون عوام جي پهچ کان ٻري ٿي ڪري ڇڏيون آهن اهڙين حالتن ۾ جماعت اسلامي پاڪستان ملڪ ۾ پرامن احتجاج جو حق محفوظ رکي ٿي ان لاءِ ليڊيز رنگ ضلعو جيڪب آباد امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمن جي 7 آگسٽ تي پوري پاڪستان جون شاهراهون بند ڪرڻ جي اعلان جي مڪمل حمايت ڪري ٿي ۽ عوام کي اپيل ڪري ٿي ته پاڪستان جي جوان، ٻارن حوصلي واري طالب علم، خواتين حافظ نعيم الرحمن جي اپيل تي لبيڪ چون هنن چيو ته حڪومت مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري ڪاڌ خوراڪ جي شين ۽ تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪري، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 10 روزاني عبرت

وٺي رهيا آهن هنن چيو سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي مسلسل پاليسين ۾ تبديلي اسان جي مستقبل کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي ٽيسٽ ۾ رکي اسان کان نوڪري جو حق پڻ کسيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڀرتين ۾ شفافيت کي يقيني بڻائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

ويندو هن چيو ته ملڪ جي حڪمران طبقي ملي ڪري عوام جي پگهر جي ڪمائي تي ڌاڙو هنيو آهي نوان نوان ٽيڪس لاڳو ڪري عام ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته مزدورن جي مزدوري ساڳي آهي جڏهن ته مهانگائي تمام گهڻي آهي حڪمرانن جي غلط پاليسين ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف جماعت اسلامي پاران احتجاجي تحريڪ هلائي وئي آهي اگر حڪمرانن پنهنجو قبلو درست نه ڪيو ته احتجاجي تحريڪ جو دائرو وسيع ڪيو ويندو ان موقعي تي جماعت اسلامي جو اڳواڻو امير اياز احمد اصلاحي پڻ ساڻس گڏ هو

بقايا 12 روزاني عبرت

مظاهرو ڪيو ۽ اسڪولي شاگردن کليل آسمان هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻجي ويا آهن جڏهن ته ڳوٺاڻن جان محمد بجير غلام محمد بجير عبدالغفور بجير انتظاميا پاران ڪو به تدارڪ نه ڪيو آهي جڏهن ته اسڪول جو وراندو ۾ ڏينهن اڳ برسات سبب ڪري تباهه ٿي ويو هو هاڻي اسڪول جي ۾ هڪ سائيڊ ڪري پئي آهي معصوم ٻارڙا هن وقت کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن انتظاميا فوري طور تي نوٽيس وٺي اسڪول جي ريپئر ڪرائي ڏي ٻارڙا ڏڪيائين کي منهن پيا ڏين اسڪول ڪري پيو آهي ۽ ٻارڙا معجزاتي طور بچيا آهن

بقايا 13 روزاني عبرت

علائقي جي رهواسين لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪري، حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي غيرقانوني عمل جا ثبوت موجود هجن ته قانون موجب ڪارروائي ڪندي ٻنهي نياڻين جي محفوظ بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي. شهرين جو چوڻ آهي ته هي معاملو رڳو هڪ خاندان تائين محدود نه پر پوري علائقي جي ڳڻتي جو سبب بڻيل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته انساني همدردي ۽ قانون جي بالادستي کي نظر ۾ رکندي هن ڪيس کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي، جيئن پريشان خاندان کي جلد رليف ملي سگهي.

بقايا 14 روزاني عبرت

وڃي پوليس موجب واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪيون پيا

بقايا 15 روزاني عبرت

موجوده مهانگائي جي دور ۾ والدين لاءِ پنهنجن ٻارن جي پرورش ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي هنن چيو ته پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ سبب کاڌي پيتي جون شيون به مهانگيون ٿي ويون آهن جڏهن ته ٻارن جو ڪپڙ ۽ خوراڪ به عام ماڻهن جي خريداري جي سگهه کان ٻاهر نڪري وئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي مهانگائي خلاف 6 آگسٽ تي چٽري چوڪ خيرپور تي وڏو احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 16 روزاني عبرت

بندن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 3جوابدار هٿيار جي زور تي نقد رقم ۽ ٻي قيمتي سامان کٽي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته انهن جي هڪ ساٿيءَ کي پاڙيوارن سوگهو ڪري پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو معاشر دڪاندار علي حسن صحافين کي ٻڌايو ته هو گهر بند ڪري گهروارن سان گڏ گهمڻ لاءِ ويو هو ته پويان واقعو پيش آيو هن مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل نقد رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان جلد واپس ڪرايو وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

جي تصديق ۽ تسليم ڪندي اسانکي زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي ڏيڻ جو وعدو ۽ ڪيو هو تنهن ڪانپوءِ اسانکي 4 مهينا دفتر جا چڪر هڻائي آفيسرن ٻاڻر شاهن کان پئسا وٺي اسان جي حق ملڪيت کي نه ڪري اسانکي آفيس مان ڌڪا ڏئي ٻي عزت ڪري ڪڍي ڇڏيو احتجاج دوران نوڏي سري انتظاميا کي چتاءُ ڏيندي چيو ته سون ۽ منهنجي خاندان سان انصاف نه ڪيو ويو ته آئون پاڻ کي خاندان سميت ريونيو آفس چاڙ نواز علي ساموهن باهه ڏئي آپگهات ڪندس جنهن جي ذميواري انتظاميا ۽ ٻئي پائر ارشاد شاهه ۽ نثار شاهه هوندا.

بقايا 18 روزاني عبرت

سنڌ پوليس هميشه دهشتگردي، ڌوهن ۽ بدامني خلاف سڄي صوبي خاص طور تي ڪراچي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ هميشه اول درجي جو ڪردار ادا ڪيو آهي سنڌ پوليس بيشمار قربانيون ڏنيون آهن شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ سوين آفيسرن ۽ سپاهين پنهنجون جانيون قربان ڪيون صدر آصف گلفام وڌيڪ چيو ته سنڌ پوليس جا شهيد قوم جو فخر آهن انهن جي قربانين جي ڪري اڄ ڪراچي سميت سنڌ ۾ ڪاروبار ۽ پرامن زندگي جو ڦيٿو هلي رهيو آهي آل ٽريڊرز الائنس شهيدن جي خاندانن سان گڏ آهي ۽ انهن جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن تعاون فراهم ڪيو ويندو . اسان شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائڻ جو عزم ڪريون ٿا. اسان سنڌ پوليس جي سڀني شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا. الله تعاليٰ انهن جا درجا بلند ڪري ۽ سوگوار خاندانن کي صبر عطا ڪري

بقايا 19 روزاني عبرت

مهينن کان اسڪول ۾ ڪو به استاد مقرر نه هجڻ سبب تعليمي سرگرميون مڪمل طور تي بند پيل آهن جنهن ڪري معصوم ٻارڙن جو مستقبل داءِ تي لڳل آهي احتجاج جي اڳواڻي عبدالفتاح ڪوسو ذيشان ڪوسو علي حيدر احسان اظهر اڪرم ڪوسو قاسم منتظر بشارت ڪوسو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي مظاهرين مطالبو ڪيو ته اسڪول ۾ فوري طور تي استاد مقرر ڪري تعليمي عمل بحال ڪيو وڃي، بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ ٻارڙن جي تعليم کي وڌيڪ نقصان کان بچايو وڃي هنن لاڳاپيل اختيارين کان اپيل ڪئي ته شاگردن جو مستقبل سنوارڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 20 روزاني عبرت

متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن خانپور مهر ٿاڻي جي مقتول جي پاءُ اياز حسن گڏاڻي جي فرياد تي 7 جوابدارن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر موجب نامزد جوابدارن ۾ علي اصغر سائين بخش امير علي، خالد علي ڏنو ميراڻي ۽ هڪ نامعلوم جوابدار شامل آهن فريادي موجب گندو پاڻي ڪيڻ واري تڪرار تان جهيڙو ٿيو جنهن دوران جوابدارن مبينا طور حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ معصوم ٽينگر عبدالرحيم گڏاڻي کي قتل ڪيو ٻئي طرف ضلعي گهوٽڪي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس اي ايس پي هيڊڪوارٽر حافظ عبدالقادر چاچڙ جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي الزام هيٺ آيل ڌر سان لاڳاپيل پنجن کان وڌيڪ عورتن کي تحويل ۾ وٺي نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته پوليس ميراڻي برادري جا پنج گهر پڻ ڊاهي پٽ ڪري جي ڪارروائي ڪئي.ان موقعي تي اي ايس پي حافظ عبدالقادر چاچڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ۽ قانون جي عملداري يقيني بڻائيندي ڪنهن سان به ڪا رعايت نه ڪئي ويندي پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 21 روزاني عبرت

۽ ڪشمير جي خاص آئيني حيثيت ختم ڪري ڪشميري عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو ۽ علائقي جي آباديءَ جي تناسب (ڊيموگرافي) کي تبديل ڪري مسلمان اڪثريت کي اقليت ۾ بدلائڻ جي سازش ڪئي

بقايا 22 روزاني عبرت

پوکائي جو معائنو پڻ ڪيو ۽ شوڪت سومرو ۽ همدم فائونڊيشن پاران ڪيل پوکائي جي ڪاميابي تي حمد جي پوري ٽيم جي تعريف ڪئي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته وڻ پوکڻ هڪ تمام سٺو عمل آهي ۽ سنڌ ۾ وڻ پوکڻ هڪ ڏکيو ۽ محنت طلب ڪم آهي ۽ جنهن طريقي سان همدم فائونڊيشن بدين جي ساحلي علائقن ۾ مينگروز پوکڻ شروع ڪيو آهي اهو هڪ قابل تعريف ۽ مثالي ڪم آهي، هن چيو هن چيو ته اسان شروع کان ئي حمد جي معاچري تي بيٺا آهيون ۽ اڄ به جيڪڏهن اسان هن سمنڊ ۾ بيٺا آهيون ته اهو ثبوت آهي ته بدين ضلعي انتظاميه هن ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي حمد فائونڊيشن جي سي اي او شوڪت سومرو چيو ته هاڻي تائين اسان بدين جي ساحلي علائقن ۾ 250,000 ٻوٽا پوکيا آهن ۽ اسان جي ڪاميابي جي شرح 75 کان 80 سيڪڙو آهي ۽ هاڻي اسان جيڪي ٻوٽا لڳايا آهن اهي لکين ٻج پيدا ڪري رهيا آهن

بقايا 23 روزاني عبرت

گرفتاري ڏيڻ لاءِ ستي ٿاڻي تي وڏي انگ ۾ پهچي ويا.

بقايا 24 روزاني عبرت

قتل ڪندڙ جوابدار علي حيدر شر کي عدالت پاران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عمر قيد ۽ 10 لک روپيا ڏنڊ ۽ ٻي قتل ڪيس ۾ 10 سال قيد ۽ 10 هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ياد رهي ته جوابدار 4 سال اڳ ڪينجهو ٿاڻي جي حد ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ پنهنجي ڀڄائي مسمات اشرف ۽ علي رضا پتافي کي قتل ڪيو هو عدالت جي اهڙي فيصلي بعد جوابدار کي گهوٽڪي سينٽر جيل موڪليو ويو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪئنال ڪاهڻ ۽ صوبي جي ورهاڱي جي ڪوشش ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، سنڌ صوبي کي ٽوڙڻ ۽ سنڌو درياءَ تي ڪئنال ڪاهڻ وارو منصوبو اسان هرگز برداشت نه ڪنداسين ان ڪري انهن منصوبن کي بند ڪيو وڃي، ملڪ جي گرفتار سياسي قيدين باني پي ٽي آئي، ماه رنگ بلوچ سميت سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي جلد آزاد ڪري عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي هنن چتاءُ ڏنو جيڪڏهن سنڌ جا جائز مطالبا تسليم ڪري سنڌ جي وحدانيت سان ڪيڏهن بند نه ڪيو ويو ته سموري سنڌ ۽ ملڪ اندر بڪ هڙتالون ڪري روڊ بلاڪ ڪيا ويندا.

بقايا 26 روزاني عبرت

ڪوٽڙي شاهنواز جو ڪيس ايس ايڇ او خاٽوٽ خيرمحمد ملاح ڊي آئي سي برانچ جي انچارج ارشاق احمد تي مشتمل جي آئي ٽي جوڙي وئي آهي جڏهن ته ايس ايس پي ڄامشورو پاڻ جي آئي ٽي جي نگراني ڪندو ۽ هر ڏينهن جي جاچ رپورٽ پڻ وٺندو ٻئي طرف ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جي چوڻ موجب سڀ شاهدين گڏجڻيون پيا قاتلن جو پتو لڳائڻ لاءِ جي آئي ٽي جوڙي آهي . ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا جي آئي ٽي جو اهڙو ليٽر جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ان کان اڳ قومي عوامي تحريڪ جي سينٽر ساٿي ڪامريڊ شبير احمد سائد جي قتل ڪيس جي سلسلي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي وفد جي ايس ايس پي ڄامشورو سان ملاقات ٿي ملاقات ۾ ڪامريڊ جي قتل ڪيس ۾ اڳڀرائي نه ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ قتل ۾ جاچ کي تيز ڪرڻ ۽ قاتلن کي فوري گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جو مطالبو ڪيو جنهن کان پوءِ ئي ايس ايس پي ڄامشورو جاچ جي اڳڀرائي ڪرڻ لاءِ جي آئي ٽي جوڙي ڇڏي ٻئي طرف قومي عوامي تحريڪ جي وفد ڪيس ۾ اڳڀرائي نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو چتاءُ ڏنو آهي وفد ۾ شامل مرڪزي اڳواڻ الطاف حسين خاصخيلي امداد پنهور خادم حسين سمون اعجاز سومرو ايڊووڪيٽ صادق بليدي ايڊووڪيٽ ارشاد چنا مشتاق چانڊيو محمد خان پنهور مختيار احمد چانڊيو ڊاڪر گرگيز شامل هئا

بقايا 27 روزاني عبرت

پوليس ۽ شهري کڻائي عمرڪوٽ اسپتال آندو جتان پوسٽ مارٽم کان پوءِ وارثن پاران عورتن ۽ ٻارن سوڌو لاش کڻائي پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

بقايا 28 روزاني عبرت

مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين الزام هنيو ته سنڌن پاڙي جي بجلي جي گذريل ويهن ڏينهن کان بند پيل آهي جنهن سبب رهواسي سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن مظاهرين موجب اڳ ۾ به ٽرانسفارمر جي مرمت لاءِ واپڊا جيسڪو عملي کي مبينا طور 20 هزار روپيا رشوت ڏني وئي پر صرف 15 ڏينهن اندر ئي ٽرانسفارمر بيهر سڙي ويو هنن الزام لڳايو ته هاڻي عملي پاران بيهر 40 هزار روپيا رشوت طلب ڪئي پئي وڃي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ جي ڪجهه گهرن جي بجلي ٻن مهينن کان بند هجڻ باوجود ڪين 194 يونٽن جا بجلي بل جاري ڪيا ويا آهن. جيڪي فوري طور تي ختم ڪيا وڃن مظاهرين جو چوڻ هو ته بجلي نه هجڻ سبب سخت گرمي ۾ عورتون پيئڻ جو پاڻي ڀرڻ لاءِ پريشاني جي ڳوٺن ڏانهن وڃڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته رات جي وقت مڇرن جي آزار سبب علائقي واسين جي زندگي عذاب بڻجي وئي آهي احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بجلي کان محروم گهرن تي موڪليل مبينا ناجائز بل فوري طور واپس ورتا وڃن. ٽرانسفارمر جي مرمت يا تبديلي ڪري علائقي جي بجلي جلد بحال ڪئي وڃي

بقايا 29 روزاني عبرت

۾ نوجوان موقعي تي فوت ٿي ويو ,ڪار سوار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ,لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 30 روزاني عبرت

پوليس کان ٻڌائيندا رهن ٿا هنن ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان انصاف جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

علائقي جا بااثر ماڻهون مال متاع، سونا زيور روڪ رقم ۽ نوجوان سجاد علي ولد سونهارو کي کڻي ويا آهن جنهن جي فرياد مٺو ڪوسو ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي هاڻي اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي گهر ۾ علي شير ڏوڏڻ، عاقب، سڪندر طالب ڏوڏڻ نامعلوم هٿيارٻندن سان گڏجي گهر ۾ اچي اسان عورتن کي يرغمال بڻائي 8 مينهون هڪ ڏڳيءَ سونا زيور روڪ رقم ۽ سال ايندڙ نوجوان سجاد علي کي اغوا ڪري ويا آهن جنهن جو ڪو ڏس پتو ناهي هنن چيو ته اسان ٿاڻن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون ڪٿان انصاف ناهي ملي اسان غريب مسڪين پوريٽ آهيون هو بااثر ماڻهون آهن جيڪڏهن انصاف نه ٿيو ته پاڻ ساڙينداسين هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي مورو سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

سرور قمبراڻي ، عاشق ٻبر ، غلام نبي ٻبر سميت پيا شامل آهن سيشن جج دادو پاران سمورن اهلڪارن کي 12 آگسٽ تي ڪين طلب ڪيو آهي متاثر پوريٽ ڪندو ٻبر داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪندي چيو آهي مان ڪائيون ميڙي ٽڙي جادو شهيد ۾ دڪان ۽ هوٽلن تي وڪرو ڪري گهر جو گذر سفر ڪندو آهيان ڪالهه صبح جو مان گڏه گاڏي تي ڪائيون کڻي اچان پيو ته معين جاڙايل اهلڪارن موٽڪي روڪي گڏه گاڏي سميت ٿاڻي تي کڻي غير قانوني طور گرفتار ڪري تذليل ڪيو ۽ ويڊيوز پڻ وڻي جيڪي سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وڃي جيڪا مون غريب مسڪين اهلڪارن زيادتي ڪئي آهي عدالت سگهوري انصاف فراهم ڪري ۽ اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ، هوڏانهن ٽڙي جادو شهيد ۾ پوريٽ ڪندو ٻبر کي گڏه گاڏي سان ٻڌڻ دوران پوليس ٿاڻي تي ڪين تذليل ٿيل بابت وائرل ويڊيوز ۽ ميڊيا ۾ آيل خبرن جو ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي طرفان واقعي جو نوٽيس وٺي ڊي ايس پي پٽ گل محمد کي انڪوائري جاچ آفيسر مقرر ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

وڃي زخمين جي وارثن الزام لڳايو آهي ته گار ڏيڻ کان روڪڻ تي برڙا برادري جي ماڻهن مٿن حملو ڪيو هنن چيو ته واقعي باوجود پوليس اڃا تائين ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي جوابدارن خلاف قانوني قدم کڻندي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 34 روزاني عبرت

ٻڌايو ته گذريل ڏينهن اسان جي ڳوٺ جي رهواسي ميهار سندس زال فائزه اسان تي ڪوڙا الزام هڻي اسان جي ساک کي نقصان پهچايو آهي سندن الزامن ۾ ڪا به صداقت ناهي مون خلاف ڪوڙا الزام هڻي پريشان ڪيو پيو وڃي هن چيو ته منهنجي پلاٽ تي مولوي شمس قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جو ڪيس به ڪورٽ سگهوري ۾ هلندڙ آهي انهي ماڻهون جي چوڻ تي مون خلاف اجائي واويلا ڪئي پئي وڃي مذڪوره ماڻهون منهنجي گهر اچي ڌمڪيون پڻ ڏئي ويو آهي جيڪو ڳوٺ ۾ خونريزي ڪرائڻ چاهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته مولوي شمس ڌوهاري قسم جو ماڻهون آهي جنهن مٿان پيارولنڊ ٿاڻي تي سنگين قسم جا ڪيس پڻ داخل آهي معس 3 سال حڪومتي پابندي ۾ رهي آهي پابندي ختم ٿيڻ بعد وري ساڳيان ڪارناما سرانجام ڏئي رهيو آهي هن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته ماسري جي شفاف انڪوائري ڪرائي اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 35 روزاني عبرت

پنهنجي تحويل ۾ وٺي اسپتال پهچايو جتي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو

بقايا 36 روزاني عبرت

اچن ته سنڌن ڪيس داخل ڪنداسين رپورٽ اچڻ تائين قتل جي صورتحال واضع نه ٿي آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

